روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 16 جنوري 2023ع بمطابق 23 جمادي الثاني 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 234

قاتلاڻي حملي تي معافي ورتي وڃي ته مفاهمت لاءِ تيار آهيان: عمران خان

وزيراعظم خلاف اعتماد جي ووٽ جي ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي، صدر عارف علوي جلد وزيراعظم کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ چوندو

پي ٽي آءِ اهو فيصلو ايم ڪيو ايم جي خدشن کي ڏسندي ڪيو آهي، پي ٽي آءِ پراميد آهي ته ايم ڪيو ايم وزيراعظم کي ووٽ نه ڏيندي

وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو هاڻ شهباز شريف کي ٽيسٽ ڪنداسين، پي ٽي آءِ ٽيسٽ پاس ڪري ورتي

هاڻ شهباز شريف جو وارو آهي، ڀهريون ڀيرو شهباز شريف کي امتحان ۾ وجهنداسين اسان وٽ اعتماد جي ووٽ سان گڏ ٻيا آپشن به آهن

ڪي پي ڪي اسيمبلي کي ٽوڙيو ويندو، آصف زرداري سنڌ جي وزيرن سان نوٽن جا ٿيلها ڀري لاهور ڪٽي آيو ته اسان جا ميمبر گهرايل هئا

نامعلوم نمبرن تان فون ڪندڙ اهي آڇون به ڏئي رهيا هئا ته نواز ليگ ۾ هليا وڃو، هاڻ ان کي اچڻو آهي، پر مون پنهنجي ماڻهن جي ٽيمپريچر جو جائزو پئي ورتو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف وزيراعظم خلاف بي اعتمادي رٽ آڻڻ جو حتمي فيصلو ڪري ورتو جنهن جي عمران خان منظوري ڏئي ڇڏي آهي، پاڪستان تحريڪ انصاف وزيراعظم شهباز شريف خلاف بي اعتمادي رٽ جمع ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو جنهن جي پارٽي چيئرمين کان منظوري گهرايل هئي، ڪالهه عمران خان ان فيصلي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. پارٽي ذريعن تصديق ڪندي چيو آهي ته وزيراعظم خلاف اعتماد جي ووٽ جي ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي. صدر عارف علوي جلد وزيراعظم کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ چوندو ذريعن موجب پي ٽي آءِ اهو فيصلو ايم ڪيو ايم جي خدشن کي ڏسندي ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سنڌ ۾ مڪاني چونڊون مجموعي طور پرامن، پي پي کي برتري حاصل

ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن سميت سمورن ضلعن ۾ صبح 8 وڳي کان شروع ٿيل پولنگ جو عمل بنا ڪنهن وقفي جي شام 5 وڳي تائين جاري رهيو، ووٽنگ جي گهٽ شرح ۾ ٻپهريءَ بعد بهتري آئي

مڪاني اميدوارن جي چونڊ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ عوام گهرن کان ٻاهر نڪري آيو. ڪٿي پولنگ اسٽيشنز ويران رهيا ته ڪٿي ماڻهن جو قطارون نظر آيون، ڀهراڙيءَ جي علائقن ۾ ماڻهن جون قطارون نظر آيون

ڪراچي ۾ چار هزار نوَ سئو ستانوي حيدرآباد ۾ ڊويزن ۾ اٺ هزار 876 پولنگ اسٽيشنز تي سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون ويون، سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا

ڄامشوري ۾ مڪاني چونڊن جي پولنگ دوران عورتن جي پولنگ اسٽيشن ۾ مردن جي داخل ٿيڻ تي سياسي جماعتن جي ڪارڪنن ۾ ڇڪتاڻ، ٽنڊو الهيار ۾ پولنگ اسٽشن بختاور پٽافي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

دادوءَ ۾ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول پولنگ اسٽيشن تي پ پ ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ڏند چڪ ڏنا، سيوهڻ جي يونين ڪائونسل ٽلٽي جي پولنگ اسٽيشن تي ٻڻ ڇڪتاڻ واري صورتحال رهي

سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن ميدان ماري ورتو، ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي ۽ جماعت اسلاميءَ ۾ ڪانٽي جو مقابلو، غير حتمي غير سرڪاري نتيجا اچڻ جو سلسلو جاري

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي 16 ضلعن ۾ مڪاني چونڊ جي ٻئي مرحلي جي غير حتمي غير سرڪاري نتيجن اچڻ جو سلسلو جاري آهي. ابتدائي اندازن موجب سنڌ ۾ مجموعي طور پيپلز پارٽي کي برتري حاصل رهي آهي. ڄامشورو ۾ ايس يو پي کي ٻه ڪجهه سيٽون مليون آهن. دادو مان پي ٽي آءِ کي ٻه هيڪڙ ٻيڪڙ سيٽون مليون آهن. بدين مان جي ڊي اي کي ڪجهه سيٽون مليون آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

حيدرآباد: عورتون ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ لاءِ قطار ۾ بيٺل آهن

ڪابل: اڳوڻي عورت اسيمبلي ميمبر گهر ۾ گهڙي قتل

ڪابل ۾ پارليامينٽ جي هڪ عورت ميمبر مرسل نبي زاده جي گهر ۾ هڪ هٿياربند شخص گهڙي آيو

هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گارڊ موقعي تي مارجي ويو جڏهن ته هٿياربندن عورت کي به گولين جو نشانو بڻايو

ڪابل (م ڊ) افغانستان ۾ اڳوڻي عورت پارليامينٽ ميمبر نبي زاده کي سندس گهر ۾ گارڊ سوڌو فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو عالمي خابرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنهنجي آئيني ذميوارين کان آگاهه آهي: اعجاز انور

جيڪي اليڪشن ايڪٽ ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع تحت ڪيون آهن

اليڪشن ڪميشن آزاد ادارو آهي، سمورا فيصلا آئين ۽ قانون موجب ڪندو آهي

ڪراچي (م ڊ) صوبائي اليڪشن ڪمشنر ٽڪبندين بابت وفاقي گهرو وزير رانا ثناءُ الله جي بيان جي ترديد ڪري ڇڏي. صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهان چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنهنجي آئيني ذميوارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

مڪاني چونڊون: مختلف پولنگ اسٽيشنز تي ڏند چڪ ۽ جهيڙن جا واقعا

ڄامشوري ۾ مڪاني چونڊن جي پولنگ دوران عورتن جي پولنگ اسٽيشن ۾ مردن جي داخل ٿيڻ تي سياسي جماعتن جي ڪارڪنن ڏند چڪ ڏنا

ٽنڊو الهيار ۾ پولنگ اسٽشن بختاور پٽافي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، دادوءَ ۾ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول پولنگ اسٽيشن تي پ پ ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ڏند چڪ ڏنا

سيوهڻ جي يونين ڪائونسل ٽلٽي جي پولنگ اسٽيشن تي ٻڻ ڇڪتاڻ واري صورتحال رهي، هڪ جماعت پنهنجي پولنگ ايجنٽ کي ٻاهر ڪڍڻ تي آر او آفيس سيوهڻ ٻاهران احتجاج ڪيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي دوران مختلف شهرن ۾ ڏند چڪ ۽ جهيڙن جا واقعا پيش آيا آهن. ڄامشوري ۾ مڪاني چونڊن جي پولنگ دوران عورتن جي پولنگ اسٽيشن ۾ مردن جي داخل ٿيڻ تي سياسي جماعتن جي ڪارڪنن ڏند چڪ ڏنا جنهن سبب ڇڪتاڻ واري صورتحال رهي. ٽنڊو الهيار ۾ پولنگ اسٽشن بختاور پٽافي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جڏهن ته دادوءَ ۾ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول پولنگ اسٽيشن تي پ پ ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ڏند چڪ ڏنا. سيوهڻ جي يونين ڪائونسل ٽلٽي جي پولنگ اسٽيشن تي ٻڻ ڇڪتاڻ واري صورتحال رهي. هڪ جماعت پنهنجي پولنگ ايجنٽ کي ٻاهر ڪڍڻ تي آر او آفيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان ٻيهر اقتدار ۾ آيو ته ملڪ تباهه ٿي ويندو: مولانا فضل الرحمان

عمران خان ٻين تي الزام لڳائيندو آهي ۽ ڪيس چور چوندو آهي عمران خان کي ان ڳالهه جو ڏک آهي ته هو پنهنجي ٻاهرين آقائن جو مشن پورو نه ڪري سگهيو

عمران خان ملڪ کي ڊيفالٽ ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، دنيا اسان جي مدد ڪري رهي آهي، عمران خان ٻڌائي ته پاڪستان جي دوستن اوهان جي مٿان ڀروسو ڇو نه ڪيو؟

دنيا چري ٿي ته عمران خان کي پئسا ڏيندو ته اهي ضايع ٿي ويندا، عمران خان پاڻ کي مظلوم ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو ڪٽي ڏيکاريو: پي ڊي ايم سربراهه

پشاور (م ڊ) جي يو آءِ (ف) جي امير ۽ پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته عمران خان ٻيهر اقتدار ۾ آيو ته هي ملڪ تباهه ٿي ويندو. پشاور ۾ تقريب کي خطاب دوران مولانا فضل الرحمان چيو ته عمران خان ٻين تي الزام لڳائيندو آهي ۽ ڪيس چور چوندو آهي عمران خان کي ان ڳالهه جو ڏک آهي ته هو پنهنجي ٻاهرين آقائن جو مشن پورو نه ڪري سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن ۾ پي ٽي آءِ بدترين دهشتگردي جو مظاهرو ڪيو: شرجيل انعام ميمڻ

پيپلز پارٽي جي ايم اين اي شاهده رحماني جي پٽ تي حملو ڪيو ويو، پي ٽي آئي جي دهشتگردي جي شديد مذمت ڪريون ٿا

پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻ شهزاد ميمڻ جي گاڏي تي پڻ پي ٽي آءِ جي غنڊن حملو ڪيو: صوبائي وزير

پي ٽي آئي جي غنڊن پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻ شهزاد ميمڻ جي گاڏي تي پڻ حملو ڪيو ۽ گاڏي جا شيشا ٽوڙيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن ۾ پي ٽي آءِ بدترين دهشتگردي جو مظاهرو ڪيو آهي. فردوس شميم نقوي جهڙي رٽ بيلٽ باڪس جا سيل ٽوڙيندو رهيو ان جي مذمت ڪريون ٿا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي جي ميمبر شاهده رحماني جي پٽ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: پيپلزپارٽي جي ايم اين اي شاهده رحماني جي پٽ تي حملو ڪيو ويو زخمي اسپتال داخل آهي

پيءُ معصوم پٽ کي ناجائز هجڻ جي شڪ ۾ قتل ڪري لاش ڦٽو ڪري ڇڏيو

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت ۾ وحشي پيءُ پنهنجي 6 ورهين جي پٽ کي زال سان جهيڙي کانپوءِ ٻني ۾ آڻي قتل ڪري ڇڏيو پوليس اسٽيشن ۾ گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائي ڇڏيائين. ڀارتي ميڊيا موجب پوليس شروعاتي جاچ ۾ قتل جو پتو لڳايو ۽ ٻارڙي جي قتل ۾ ملوث پيءُ کي گرفتار ڪري لاش ميدان مان هٿ ڪيو. ڀارتي رياست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مڪاني چونڊن ۾ رنڊڪ وجهندڙ شرپسندن کي بخش نه ڪيو ويندو: وڏو وزير

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪنهن به شرپسند کي مڪاني چونڊن ۾ رنڊڪ وجهڻ نه ڏين. سمورين سياسي جماعتون ۽ سندن ڪارڪن چونڊ ضابطن جو احترام ڪن

وڏي وزير سي پي او ۾ قائم ڪنٽرول روم جو دورو ڪيو، وڏي وزير پولنگ واري عمل ۽ سيڪيورٽي انتظامن بابت بريفنگ به ورتي

شرپسندن کي بخش نه ڪيو ويندو، سمورين جماعتون چونڊ ضابطن جو احترام ڪن، وڏي وزير آءِ جي سنڌ کي هدايت ڪئي ته پولنگ دوران شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ کي يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (م ڊ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪنهن به شرپسند کي مڪاني چونڊن ۾ رنڊڪ وجهڻ نه ڏين. سمورين سياسي جماعتون ۽ سندن ڪارڪن چونڊ ضابطن جو احترام ڪن. وڏي وزير ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن جي نگراني لاءِ سي پي او ۾ قائم ڪنٽرول روم جو دورو ڪيو. وڏي وزير پولنگ واري عمل ۽ سيڪيورٽي انتظامن بابت بريفنگ به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مجموعي طور پولنگ جو عمل پرامن رهيو آهي: سنڌ جو آءِ جي

ڪنهن کي به امن امان خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏيو ڳڙٻڙ ڪرڻ وارن کي گرفتار ڪيو وڃي: پوليس غلام النبي ميمڻ

پوليس چيف جي دعويٰ پنهنجي جاءِ تي پر ڪراچي، مٽياري ۽ دادو ۾ هلڪن ڦلڪن جهيڙن جهڳڙن جا اطلاع مليا آهن

گلشن معمار ۾ يوسي 12 جي پي پي جي يوسي چيئرمين جي اميدوار بلال سعيد کي پي ٽي آءِ وارن ڪٽڪو ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي آءِ جي پوليس غلام النبي ميمڻ چيو آهي ته مجموعي طور پولنگ جو عمل پرامن رهيو آهي. پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته ڪنهن کي به امن امان خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏيو ڳڙٻڙ ڪرڻ وارن کي گرفتار ڪيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ق ليگ کي پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪيو، مونس کي پارٽي ۾ اهم عهدو ڏينداسين: اڳوڻو وزيراعظم

چوڌري پرويز الاهي ان حوالي سان مشاورت لاءِ ق ليگ جو اعليٰ سطحي اجلاس پنهنجي رهائشگاهه تي طلب ڪري ورتو آهي

ق ليگ کي تحريڪ انصاف ۾ ضم ڪيو وڃي، عمران خان مونس الاهي جي سياسي حڪمت عملي ۽ وفاداري مان ڏاڍو خوش ٿيو

هن موقعي تي عهدو ورتو ويو ته ماڻهو سمجهندا ته اسان شايد بارگين ڪئي آهي تنهنڪري اسان کي ڪو عهدو نه کپي

لاهور (م ڊ) عمران خان چوڌري پرويز الاهي سان مسلم ليگ ق کي پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ چيو آهي ته ق ليگ جا سمورا اميدوار بيٽ جي نشان تي چونڊ وڙهن. چوڌري پرويز الاهي ان حوالي سان مشاورت لاءِ ق ليگ جو اعليٰ سطحي اجلاس پنهنجي رهائشگاهه تي طلب ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب عمران خان ان خواهش جو اظهار ڪيو ته ق ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

چيف اليڪشن ڪمشنر کي پي ٽي آءِ جي فرمائش تي مقرر ڪيو ويو هو: شيري رحمان

ووٽ جمهوريت جو حق آهي ۽ سڀ پنهنجو حق استعمال ڪن، اليڪشن ڪميشن هڪ آئيني ادارو آهي جنهن جي پنهنجي هڪ حيثيت ۽ ساک آهي

اسان کي به اليڪشن ڪميشن سان ڪيئي شڪايتون آهن. سندن فيصلن تي اسان به سوال اُٿاريندا آهيون ۽ حل به ڳوليندا آهيون

اسان ادارن جي بي حرمتي ۽ بي عزتي ناهيون ڪندا، چيف اليڪشن ڪمشنر کي پي ٽي آءِ جي فرمائش تي مقرر ڪيو ويو هو

ڪراچي (م ڊ) وفاقي وزير پ پ اڳواڻ شيري رحمان چيو آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر کي پي ٽي آءِ جي فرمائش تي مقرر ڪيو ويو هو. ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي شيري رحمان چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اميد آهي ته پي ٽي آءِ اڄ پنجاب ۾ نگران سيٽ اَپ لاءِ نالا فائنل ڪري وٺندي: فواد چوڌري

پارلياماني جمهوريت ۾ بحران ايندو آهي ته چونڊون جو رستو اختيار ڪبو آهي، چوڌري پرويز الاهي سان به ملاقات ۾ صلاح مشورو ڪيو ويندو

باغي ميمبر رابطو ڪري رهيا آهن پر هاڻي ملاقات جي ضرورت نه آهي، ڪين پارٽي طرفان شوڪاز جاري ڪيو ويو ان جو جواب ڏين

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته اميد آهي ته پي ٽي آءِ اڄ پنجاب ۾ نگران سيٽ اَپ لاءِ نالا فائنل ڪري وٺندي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته پارلياماني جمهوريت ۾ بحران ايندو آهي ته چونڊون جو رستو اختيار ڪبو آهي. چوڌري پرويز الاهي سان به ملاقات ۾ صلاح مشورو ڪيو ويندو. هن چيو ته باغي ميمبر رابطو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

فوڊ ڊليوري بواءِ ڪتي جي ڊپ کان ٽين ماڙ تان ٽپو ڏئي ڇڏيو

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي شهر حيدرآباد ۾ کاڌو پهچائيندڙ نوجوان ڪسٽمر جي ڪتي جي ڊپ کان عمارت جي ٽين ماڙ تان ٽپو ڏئي ڇڏيو. ڀارتي ميڊيا موجب 23 ورهين جو رضوان کاڌو پهچائڻ لاءِ هڪ اپارٽمينٽ پهتو ته دروازو کڙڪائڻ تي گهر ۾ موجود پالتو ڪتو هن ڏانهن ڊوڙيو، جنهن تي نوجوان ڊپ وچان ٽين ماڙ تان ٽپو ڏنو رپورٽن مطابق فوڊ ڊيليوري بواءِ جي مئي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

چنيسر ڳوٺ ۾ 80 سالن جي پوڙهي ووٽ ڏيڻ پهچي وئي

هن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هر ڀيري ووٽ ڏنو آهي: 80 سالن جي ڪراڙي عورت

شهيد بينظير ڀٽو ۽ هاڻي بلاول ڀٽو جي اميدوارن کي ووٽ ڏئي رهي آهيان: عورت

ڪراچي (م ڊ) چنيسر ٽائون يوسي 8 ۾ اليڪشن جو سلسلو جاري آهي. جتي هاڻي 80 سالن جي عورت به ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

گيس ليڪيج ڌماڪي ۾ 5 ٻارن سميت 6 ڄڻا اجل جو شڪار

سيٽلائيٽ ٽائون جي مسلم اتحاد ڪالوني ۾ هڪ گهر ۾ گيس ليڪيج سبب ڌماڪو ٿيو

مارجي ويلن ۾ 5 ٻار به شامل آهن. فوتين جا لاش سول اسپتال ڪوئيٽا منتقل ڪيا ويا

ڪوئيٽا (م ڊ) ڪوئيٽا جي علائقي سيٽلائيٽ ٽائون جي مسلم اتحاد ڪالوني ۾ هڪ گهر ۾ گيس ليڪيج سبب ڌماڪو ٿيو ريسڪيو ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه برقرار، ڪا به تبديلي نٿا ڪريون: اسحاق ڊار

پيٽرول جون قيمتون 31 جنوري تائين ساڳيون برقرار رهنديون انهن ۾ ڪا به ڦير ڦار نٿي ڪئي وڃي

اسان قيمتون تبديل نه ٿا ڪريون پيٽرول جو اگهه 214.80 رپيا، ڊيزل 227.80 رپيا رهندو

لاهور (م ڊ) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار اعلان ڪيو آهي ته پيٽرول جون قيمتون 31 جنوري تائين ساڳيون برقرار رهنديون انهن ۾ ڪا به ڦير ڦار نٿي ڪئي وڃي. لاهور مان پي ٽي وي تي هن اهڙو اعلان لائيو اچي ڪيو "اسان قيمتون تبديل نه ٿا ڪريون پيٽرول جو اگهه 214.80 رپيا، ڊيزل 227.80 رپيا، گاسليٽ جو اگهه 171./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اليڪشن ڪميشن جو ڪارنامو: پ پ اميدوار کي تالو، ڄامشورو اتحاد جي اميدوار کي تير جو نشان ڏنو ويو

ڄامشورو (م ڊ) ڄامشورو ۾ يوسي سري جي وارڊ نمبر 3 ۾ اليڪشن ڪميشن جو ڪارنامو سامهون اچي ويو بيلٽ پيپر ۾ غلطي سبب پ پ اميدوار کي تالو، جڏهن ته ڄامشورو اتحاد جي اميدوار کي تير جو نشان ڏنو ويو اليڪشن ڪميشن جي ڪارنامي سبب يوسي سري ۾ بيلٽ پيپر ۾ نشان اُرنڌا ڏنا ويا. پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوار کي تالو نشان الاٽ ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: وفاقي وزير پ پ اڳواڻ شيري رحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ ۾ مڪاني چونڊون مجموعي طور پرامن، پي پي کي برتري حاصل

سنڌ جي 16 ضلعن ۾ مڪاني چونڊ جي ٻئي مرحلي جي غير حتمي غير سرڪاري نتيجن اچڻ جو سلسلو جاري آهي

دادو مان پي ٽي آءِ کي ٻه هيڪڙ ٻيڪڙ سيٽون مليون آهن، بدين مان جي ڊي اي کي ڪجهه سيٽون پڻ مليون آهن

سنڌ جي ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو، ڪراچي مان نتيجا اچا رهيا آهن

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي 16 ضلعن ۾ مڪاني چونڊ جي ٻئي مرحلي جي غير حتمي غير سرڪاري نتيجن اچڻ جو سلسلو جاري آهي. ابتدائي اندازن موجب سنڌ ۾ مجموعي طور پيپلز پارٽي کي برتري حاصل رهي آهي. ڄامشورو ۾ ايس يو پي کي ٻه ڪجهه سيٽون مليون آهن. دادو مان پي ٽي آءِ کي ٻه هيڪڙ ٻيڪڙ سيٽون مليون آهن. بدين مان جي ڊي اي کي ڪجهه سيٽون مليون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نيپال ۾ خوفناڪ جهاز حادثو، 67 ڄڻا اجل جو شڪار

نيپال جي پوکرا انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي کٽمنڊو کان ايندڙ جهاز لينڊنگ دوران حادثي جو شڪار ٿي ويو

جنهن سبب جهاز کي باهه وڪوڙي وئي، جهاز ۾ عملي سميت 68 سوار هئا: پرڏيهي خابرو ادارو

حادثي بعد هوائي اڏي کي سمورين اڏامن لاءِ بند ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي واري هنڌ تي امدادي ڪارروائيون جاري

کٽمنڊو (م ڊ) نيپال ۾ هڪ جهاز حادثي جو شڪار ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 67 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن. پرڏيهي خابرو ادارن موجب نيپال جي پوکرا انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي کٽمنڊو کان ايندڙ جهاز لينڊنگ دوران حادثي جو شڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: صدر آزاد جمون ڪشمير سلطان محمود چوڌري سان ترڪي جو سفير ملاقات ڪندي

ايم ڪيو ايم ايوانن جي محتاج نه آهي، اسان عوام جي دلين ۾ رهون ٿا: اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن هڪ ڀيرو ٻيهر جانبداري جو مظاهرو ڪيو، جيڪڏهن هڪ ادارو شفاف چونڊون نٿو ڪرائي سگهي ته ان جي ڪائي ضرورت نه آهي

اڄ ڪراچي ۾ ڌانڌلي هارائي وئي ۽ ڪراچي کٽي وئي، عوام گهر ويهي ايم ڪيو ايم جي فيصلي تي ريفرنڊم ڏئي ڇڏيو: خالد مقبول صديقي

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ عوام چونڊن کان اڳ ڌانڌلي، عوامي مينڊيٽ کي چورائڻ جي سازش کي رد ڪري ڇڏيو، ايم ڪيو ايم جي چونڊ سياست ايوانن جي محتاج ناهي

ڪراچي (م ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊن ۾ گهٽ ووٽنگ ٽرن آئوٽ کي پنهنجي موقف جي فتح قرار ڏئي ڇڏيو. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي بهادر آباد مرڪز تي خالد مقبول صديقي جو فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال سميت ٻين اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن هڪ ڀيرو ٻيهر جانبداري جو مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جا اڳواڻ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

ڏهرڪي ويجهو ڳوٺاڻن فريد ايڪسپريس کي وڏي حادثي کان بچائي ورتو

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي ويجهو ڳوٺاڻن فريد ايڪسپريس کي وڏي حادثي کان بچائي ورتو، ڳوٺ ڳونو شر وٽ ريلوي پٽڙي ٽٽل ڏسي ڳوٺاڻن فريد ايڪسپريس جي ڊرائيور کي اشارا ڏئي ٽرين بيهاري ڳوٺاڻن جي حاضر دماغي سبب ڪراچي کان لاهور ويندڙ ٽرين وڏي حادثي کان بچي وئي، ٽٽل پٽڙيءَ جي مرمت لاءِ ريلوي جو عملو پهچي ويو ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

باهه جا مچ ٻاري رکو، موسميات کاتي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ڪراچي ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 6 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران شهر ۾ موسم خشڪ ۽ ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (م ڊ) ملڪ جي وڏي شهر ڪراچي ۾ اڄ صبح سياري جو سڀ کان ٿڌو ڏينهن هو موسميات جي تجزيہ نگار جواد ميمڻ موجب گذريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي ۾ 2 ڄڻا چورن جا وار ڪري زخمي

چاقو سان حملي جو واقعو نيو ڪراچي جي علائقي خميسا ڳوٺ ۾ الغوثيه ريسٽورنٽ ويجهو پيش آيو

حادثي ۾ سخت زخمي ٿيل ٻن ڄڻن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي ۾ چورن ٻن ڄڻن کي زخمي ڪيو ويو. چاقو سان حملي جو واقعو نيو ڪراچي جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

مڪاني چونڊون: جي يو آءِ جو پ پ تي ڌانڌلي جو الزام

مڪاني چونڊون 24 جولاءِ 2022ع کان ملتوي ڪندي ڪندي 15 جنوري ڪرايون ويون: جي يو آءِ ڳواڻ

پولنگ اسٽيشنز تي عملو کي رات تائين پهچڻو هو جيڪو نه پهتو، پولنگ عملو ٽي ڪلاڪ دير سان پهتو ۽ پوءِ چونڊ عمل شروع ٿيو

يونين ڪائونسل 8 ۾ چيئرمين جي اميدوار کي ڌانڌلي ڪندي پڪڙيو ويو، ماڙيپور يوسي 3 ۾ عورتن جي پولنگ اسٽيشنز تان ٺپا گم آهن

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ ٿيل مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي جي حوالي سان جمعيت علماءِ اسلام (ف) وفاق ۾ پنهنجي اتحادي جماعت پيپلز پارٽي تي ڌانڌلي جو الزام مڙهي ڇڏيو آهي. جي يو آءِ ف جي اڳواڻ قاري عثمان پ پ تي ڌانڌلي

ڪراچي: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو پريس ڪانفرنس ڪندي

عوام کان صحت کسڻ جي ڪوشش: حياتيون بچائيندڙ 110 دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي سفارش

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ حياتي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ وڌي وئي، جنهن سبب ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي 110 کان وڌيڪ دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي سفارش ڪري ڇڏي صحت بابت وفاقي وزارت جي ذريعن موجب ملڪ ۾ اينسٿيزيا، ڪينسر، نفسياتي مرضن، عضون جي پيوندڪاري ۽ ٻين بيمارين ۾ استعمال ٿيندڙ دوائن جي سخت کوٽ ٿي وئي آهي وزارت جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

عادلپور پرسان ڳوٺ سونو مهر ۾ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ گهر تي حملو، 5 ڄڻا زخمي

ڳوٺ سونو مهر جي ڳوٺاڻن قربان مهر مائي الهورائي مائي ۽ نوشاد مائي ٻارڙن سميت احتجاج ڪيو

ڪيس تان ڪٺائڻ لاءِ هٿيارن جي زور تي گهر ۾ گهري اسان مٿان حملو ڪري زخمي ڪيو ويو آهي: مظاهرين

منهنجي گهرواري نياڻي ۽ پٽ کي بازياب ڪرائي بااثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

عادلپور (ن سنڌيار) عادلپور ويجهو ڳوٺ سونو مهر ۾ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ بااثرن جو ڳوٺائي جي گهر تي مبينا حملو لٺيون ۽ سرون لڳڻ سبب 5 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل عادلپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ سونو مهر جي ڳوٺاڻن قربان مهر مائي الهورائي مائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

عادلپور: ڳوٺ سونو مهر ۾ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ گهر تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سوئي گيس شهر ۽ پرياسي

۾ بدامني جي باهه ٻري وئي،

پوليس خاموش

ٺري ميرواهه (رپورٽ) سوئي گيس شهر ۽ پرياسي ۾ بدامني جي باهه ٻري وئي پوليس چوڪي جي پرسان ڪيڙي جي دڪان کي ڪاٽ ، چورن پاران پوليس کي چيلينج ..اخبر موجب سوئي گيس شهر ۾ نامعلوم چور معراج چاڪراڻي جي دڪان کي ڪاٽ هڻيو جتي چوڪيدار سجاڳ ٿيڻ سبب چور فرار ٿي ويا ۽ ڳوٺ گاهي خان چاڪراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪشمور ۾ وڌندڙ بدامني، چوري ۽ اغوا جي وارداتن خلاف عوامي ورڪرز پارٽي پاران ريلي

عوامي ورڪر پارٽي جي ايڊووڪيٽ محمد علي ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

پوليس امن اومان کي بهتر بڻائڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، شهر ۾ چورين جو آزار وڌي ويو آهي: مظاهرين

ڪشمور (رپورٽ) ڪشمور ۾ وڌندڙ بدامني، چوري ۽ اغوا جي وارداتن خلاف عوامي ورڪرز پارٽي پاران ايڊووڪيٽ محمد علي ڪوسو عبدالحميد ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مراد واه پل کان ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن تروڙي شهرين هٿن ۾ بينر ڪنيل هئا جنهن تي پوليس جي نااهلي خلاف نعرو درج هئا. احتجاج ريلي شهر مختلف/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺاروشاهه ٽائون انتظاميا جي نااهلي سبب پورو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو

شهر جي گلين ۽ چوراهن تي نالين جو گندو نالين پاڻي اٿلي پيو، پوري علائقي ۾ بدبوءِ ڦهليل

ڪاروباري مرڪز ريشم گلي ڪمران سينٽر اڳيان روڊ تي نالي اٿلڻ ڪري شهر درياءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳو

شهر جي سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ۽ ٻين ڌرين پاران معاملي جو نوٽيس وٺڻ جي گهر

ٺاروشاهه (رپورٽر راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه ٽائون انتظاميا جي نااهلي ۽ رشوت خوري ۽ ملازم ويزا تي هجڻ سبب ٺاروشاهه پورو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو شهر جي گلين ۽ چوراهن تي نالين جو گندو نالين پاڻي اٿلي پيو جنهن سبب پوري علائقي ۾ بدبوءِ ڦهليل عوام خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا ٺاروشاهه ڪاروباري مرڪز ريشم گلي ڪمران سينٽر جي اڳيان مين روڊ تي نالي اٿلڻ ڪري شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺاروشاهه : ٽائون انتظاميا جي نااهلي سبب شهر ۾ گٽرن جو پاڻي روڊ تي بيٺل آهي

حضرت بيبي فاطمه ع جي خاندان

جا دين اسلام تي ٿورا آهن: اختر

حسين نقوي

باڊهه (رپورٽر) باڊهه امامية مسجد اصغريه آرگنائيزيشن پاڪستان يونٽ باڊهه ۾ ڊويزنل اصغريه لاڙڪاڻو سيد اختر حسين نقوي شهمير حسين پاران درس جي حوالي سان دورو ڪيو ويو، ان موقعي تي نائب صدر محمد اسماعيل ملانو ،فنانس سيڪيٽري احمد بخش جوٽيجو، فداحسين شيخ،سعيد علي خاڪي، هدايت الله مغيري،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو مستي ۾ افسوس ناڪ واقعو، 26 سالا شادي شده ڳوٺ هاري ناري بيدردي سان قتل

شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو جوابدارن گهر ۾ گهڙي 26 سالا شادي شده ڳوٺ هاري ناري زاهدان کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو

پوليس اطلاع بعد پهچي ناري جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو، گهر ۾ ڪهرام

پوليس بهترين ڪارروائي ڪري نوجوان ناري جو قتل ڪري فرار ٿي ويل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو، ڪيس داخل

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي پرسان ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد ۾ افسوس ناڪ واقعو، 26سالا شادي شده ڳوٺ هاري ناري بيدردي سان قتل ، گهر ۾ ڪهرام ، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ، واقعي جو ڪيس داخل ته ٿي سگهيو تفصيل موجب ٽنڊو مستي شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو جوابدارن گهر ۾ گهڙي 26 سالا شادي شده ڳوٺ هاري ناري زاهدان زال منصور علي لولائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سيٺارجا سميت سموري سنڌ ۾ تيل گاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

سول سوسائٽي سميت سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن منظور حسين ڪبر ذوالفقار علي انصاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اٽي بصر سميت ٻين عام واهپي جي شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن، غريبن جي واهر ڪئي وڃي: مظاهرين

ڏهاڙيدار غريب بي پهچ مظلوم مسڪين ماڻهن جي پهچ کان تمام گهڻو مٿي آهن، هن وقت ٽائين انتظاميه ڪا به واهرنا هي ڪئي

سيٺارجا (رپورٽر) سيٺارجا شهر سميت سموري سنڌ ۾ تيل گاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف نيشنل پريس ڪلب سيٺارجا کان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سول سوسائٽي سميت سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻ منظور حسين ڪبر ذوالفقار علي انصاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سيٺارجا: سنڌ ۾ تيل گاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مٺياڻي ۾ حضرت

ابوبڪر صديق رض جي

يوم وفات تي ريلي

مٺياڻي (رپورٽر) مٺياڻي ۾ حضرت ابوبڪر صديق رض جي يوم وفات تي جامع مسجد الله والي کان مولانا شاهد حسين شاذلي،ايڊوڪيٽ شاهد ملڪ ۽ زين الحسن جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي رنگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي ، ب مولانا سعادت الرسول ملڪ خطاب ڪندي چيو ته اسان گورنمينٽ کان مطالبو ڪيون ٿا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر ۾ مسافر ڪوچ ۽ ڪوسٽر ۾ ٽڪر، 2 پوليس اهلڪار چيپاٽجي فوت

ٻه پوليس اهلڪار هيڊ ڪانسٽيبل اڪبر چنو ۽ علي احمد شاهه ڪوچ هيٺان اچي ٿڏي تي چيپاٽجي فوت ٿي ويا

اطلاع ملڻ بعد ايڌي رضاڪار ۽ پوليس حادثي واري هنڌ پهچي ٻنهين فوتين جا لاش ۽ زخمين کي ڪٽي اسپتال پهچايا

حادثو ڪوهيڙي سبب پيش آيو، حادثي ۾ فوت ٿي ويل پوليس اهلڪارن جو تعلق ڳڙهي ياسين ۽ سلطان ڪوٽ سان آهي

سکر (رپورٽر) سکر جي تماچاڻي ٿاڻي جي حد ۾ قومي شاهراهه تي مسافر ڪوچ ۽ ڪوسٽر ۾ ٽڪر ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ شڪارپور ايڪسائيز پوليس جا ٻه پوليس اهلڪار هيڊ ڪانسٽيبل اڪبر چنو ۽ علي احمد شاهه ڪوچ جي هيٺان اچي ٿڏي تي چيپاٽجي فوت ٿي ويا ۽ 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. جنهن ڪانپوءِ اطلاع ملڻ بعد ايڌي رضاڪار ۽ پوليس حادثي واري هنڌ پهچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪنڌڪوٽ ۾ هٽرادو اٽي جي بحران خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو

محمد اڪرم باجڪاڻي، مهتاب ملڪ، امداد ڪوسو، ظفر شيرپيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پ پ سرڪار جو نعرو آٽو لٽو ۽ اجهاءُ به غريب مسڪينن کان کسيو ويو آهي، غريب طبقو پريشان آهي: مظاهرين

اٽي جو بحران پيدا ٿيڻ حڪمرانن جي نااهلي ظاهر ڪري پئي عوام کي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ سنڌ ۾ هٽرادو اٽي جي بحران خلاف ايس ٽي پي طرفان ضلعي محمد اڪرم باجڪاڻي، مهتاب ملڪ، امداد ڪوسو، ظفر شير پيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شريڪ ڪارڪنن اٽو ناهين جو پلاڪربلاڪربلا سميت مختلف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪنڌڪوٽ: سنڌ ۾ اٽي جي بحران خلاف ايس ٽي پي ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

چوٽياريون ۾ ڳوٺاڻن پاران

سماجي تنظيم سرسو خلاف

حتجاج

چوٽياريون (رپورٽر) يوسي ڊورو جانب جي ڳوٺ داد محمد ٻرڙي جي ڳوٺاڻن ۽ ڳوٺ طفيل شاهه جي ڳوٺاڻن SRPO اين جي او جي خلاف احتجاج ڪيو ۽ سخت ناري بازي ڪيي خوشحال ٻرڙي حنيف ٻرڙي جمال ٻرڙي نظر محمد ٻرڙي خالق ٻرڙي حسن سرلنگي محبوب سولنگي علي مراد سولنگي SRPO اين جي او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ اٽي جي کوٽ ۽ قيمت ۾ اضافي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

مختلف سماجي تنظيمن اسٽيپ فائونڊيشن، علماءِ ڪونسل، آل بلوچ اتحاد ۽ ٻين پاران ڌرڻو هنيو ويو

سنڌ حڪومت ناڪام ٿي چڪي آهي، اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب غريب طبقو سخت پريشان آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺندي اٽي سميت ٻين شين جي قيمتن ۾ ڪيل اضافي کي ختم ڪرائي عوام کي رليف ڏياريو وڃي

سکر (رپورٽر) سکر ۾ اٽي جي کوٽ ۽ قيمت ۾ اضافي خلاف سکر جي مختلف سماجي تنظيمن اسٽيپ فائونڊيشن،علماء ڪونسل،آل بلوچ اتحاد،هيومن رائيٽس جسٽس اينڊ ڊيفينڊرز آرگنائيزيشن ۽ سول سوسائٽي پاران اسٽيپ فائونڊيشن چيئرپرسن شاعستا ڪوسو جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب ٻاهران ڌرڻو هڻي اٽو مسترو ڪيو جا نعرا هنيا ڪيترائي ڪلاڪ ڌرڻو هڻي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

لاڙڪاڻو سوشل ميڊيا سيٽلائيٽ يونين پاران ڊسٽرڪٽ بار جي عهديدارن کي مبارڪون

ايڊووڪيٽ زمان جاگيراڻي ۽ ايڊووڪيٽ ڪامريڊ غلام شبير جتوئي کي گلن جا هار ۽ مبارڪباد ڏني

هميشه مظلومن سان گڏ رهيا آهيون ۽ رهنداسين، جن ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو انهن جا ٿورائتا آهيون: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (رپورٽ) لاڙڪاڻو يونين آف سوشل ميڊيا سيٽلائيٽ اينڊ ويب چينلز سنڌ جي ٽيم ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن اليڪشن 2023 جي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندڙ هميشه مظلومن کي انصاف ڏيارڻ جي ڀرپور جدوجهد ڪندڙ ڪردار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شڪارپور ۾ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهيور جي سالگرهه ملهائي وئي

زاهد پنهيور کي سندس جي سالگرهه جي موقعي تي گلن جي ورڪا ڪري پيتا پيش ڪئي وئي

زاهد پنهيور هميشه شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ بهترين ڪوششون ڪيون آهن: مقرر

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهيور جي سالگره ملهائي وئي. تفصيل موجب فرينڊشپ فار ايور گروپ پاران فرينڊ شپ ٺارپور گروپ جي سرواڻ ۽ شڪارپور جي نوجوان سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهيور جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور: سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهيور جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

سکر ۾ جماعت اسلامي ضلعي سکر پاران مهانگائي خلاف احتجاج

موجوده پي ڊي ايم حڪومت ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آندو آهي: زبير حفيظ شيخ

غريب مزدور ماڻي لاءِ پريشان آهي، غريب تنگ ٿي روڊن تي نڪتو آهي واهر ڪئي وڃي

سکر (رپورٽر) جماعت اسلامي صوبائي اڳواڻ ممتاز حسين سهتو ضلعي امير سکر زبير حفيظ شيخ نائب امير سلطان احمد لاشاري سکر ۾ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

عوامي پريس ڪلب نوشهرو فيروز جي نئي باڊي چونڊي وئي

صدر اختر علي چانڊيو، سينيئر نائب صدر فريد احمد لاشاري چونڊجي ويا

نائب صدر خالد حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري اسد علي عمراڻي ۽ ٻيا مقرر

نوشهرو فيروز (ڊ ر) عوامي پريس ڪلب نوشهرو فيروز سال 2023 جي نئي باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا صدر اختر علي چانڊيو سنيئر نائب صدر فريد احمد لاشاري نائب صدر خالد حسين چانڊيو جنرل سيڪريٽري اسد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ صحافي منظور ملڪ جي گهر ۾ چور ڪاٽ ڪٽي پاڙو ڪٽي ويا

صحافين اديبن سياسي سماجي اڳواڻن واقعي جي مذمت، نوٽيس وٺي واهر ڪرڻ جي اپيل

صحافي جي گهر مان چوري ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: محمد يونس راڄپر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز: سينيئر صحافي منظور ملڪ جي گهر ۾ نامعلوم چور سندس پاڃ ارشد علي جو پاڙو نامعلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10


نوشهروفيروز: صحافي منظور ملڪ جو گهر جنهنج مان چور ڪاٽ هڻي پاڙو ڪٽي ويا

ٿٽي ۾ ٻئي مرحلي ۾ ٿيندڙ بلدياتي چونڊن ۾ ووٽرن ٽرن آئوٽ نه هجڻ برابر

اڪثر يوسيز تي سمورا اميدوار ووٽرز کي گهرن مان ڪڍڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي ويا

چونڊن دوران امن و امان قائم رکڻ لاءِ سخت هدايتون جاري ڪيون ويون هيون

ٿٽي ۾ سنڌ ۾ ٻئي مرحلي ۾ ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ووٽرن ٽرن آئوٽ نه هجڻ جي برابر آهي جڏهن ته اميدوار ووٽرز کي گهرن مان ڪڍڻ ۾ بلڪل ناڪام نظر اچي رهيا آهن عمومن امن و امان جي صورتحال بهتر نظر اچي رهي آهي جڏهن ته ڪجه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گڏريل پنجن مهينن کان علائقن ۾ 5 فوٽ برساتي پاڻي بيٺل آهي: ظفر راڄپر

اسڪولن سميت واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ به اجان تائين برساتي پاڻي بيٺل آهي، رهواسي پريشان آهن

هتان جي شاگردن توڙي شاگردياڻين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڀرياروڊ جي يوسي چاهين سليمان جي چونڊيل چيئرمين ۽ اڳوڻي تعلقه ناظم ظفر علي راڄپر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گڏريل پنجن مهينن کان يوسي چاهين سليمان ۾ 4 کان 5 فوٽ برساتي پاڻي بيٺل آهي يوسي جا ڪيترائي ڳوٺاڻا مختلف هنڌن تي لڏ پلاڻ ڪري ويا آهن هن چيو ته چاهين سليمان جي بيسڪ هيلٿ يونٽ گورنمينٽ بوائز ۽ گرلز پرائمري توڙي مڊل اسڪولن سميت واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ به اجان تائين برساتي پاڻي بيٺل آهي جنهن سبب هتان جي شاگردن توڙي شاگردياڻين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي سنڌ حڪومت توڙي ضلعي حڪومت برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ ڪي به انتظام ناهن ڪيا ڪاسورا ڪريشن ڪرڻ ۾ مصروف آهن عوام مري رهيو آهي حڪومت ڪٿي به نظر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي جي ڀهراڙين ۾ پ پ ۽ پي ٽي آءِ ۾ ڪانٽي جو مقابلو

گلشن معمار ۾ پ پ ۽ پي ٽي آءِ جي حامين ۾ جهيڙو، ايم پي اي جو پٽ زخمي

گلشن معمار جي يونين ڪائونسلن ۾ ڪٽي ڪٽي ووٽنگ جو عمل دير سان شروع ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڀهراڙين ۾ پي پي ۽ پي ٽي آئي پاران ڪانٽي جو مقابلو، گلشن معمار ۾ پي پي جي ايم پي اي شاهد رحماني جي پٽ ۽ پي ٽي آئي ايم پي اي رابستان خان جي درميان جهيڙو ٿي پيو لٺيون لڳڻ ڪري ايم پي اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ بلدياتي چونڊ، انتظام سخت

شهر جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن الرٽ رهيا

بلدياتي اليڪشن ۾ ووٽن جو ريشو 50 فيصد رهيو، پوليس گشت پڻ ڪيو

ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن پاران پولنگ اسٽيشنن تي ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ الرٽ رهي ڪراچي جي سنڌي وسندي علائقن سجل ڳوٺ ، ماروئڙا ڳوٺ ، صفوران ڳوٺ ، غازي ڳوٺ ، شر ڳوٺ ، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وارهه ۾ تحريڪ لبيڪ پاران متاثرن ۾ گرم ڪپڙا تقسيم

متاثرين ۾ سردي کان بچاءَ لاءِ گرم ڪپڙا تقسيم ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي: طالب حسين چانڊيو

تحريڪ لبيڪ پاڪستان اها واحد پارٽي آهي جيڪا غريبن جي مدد ڪري رهي آهي: ڳالهيون

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان ٻوڏ متاثرين ۾ گرم ڪپڙا تقسيم ڪيا ويا وارهه جي مختلف ڳوٺن ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان گرم ڪپڙن جي تقسيم ڪئي وئي تحريڪ لبيڪ پاڪستان اڳواڻ طالب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وارهه: متاثرن ۾ تحريڪ لبيڪ جا اڳواڻ گرم ڪپڙا تقسيم ڪري رهيا آهن

پرياسٽي ۾ هٽرادو مهانگائي ۽ اٽي جي سخت کوٽ خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو

ايس ٽي پي اڳواڻن غلام شبير ميراڻي، ضمير سهتو، ڪاشف ميمڻ ۽ علي رضا سومرو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

هٽرادو اٽي جي کوٽ پيدا ڪري غريب مسڪين ۽ برسات سٽيل ماروئڙن کان جيئڻ جو حق کسيو پيو وڃي: غلام شبير ميراڻي

برساتن تباهي مچائي ڇڏي وري ٻئي پاسي سنڌ حڪومت مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ پوري طرح ناڪام ثابت ٿي آهي

نوشهرو فيروز : (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي هٽرادو مهانگائي ۽ اٽي جي سخت کوٽ خلاف ايس ٽي پي جي ڪارڪنن جو هٿن ۾ جهنڊا کڻي پريس ڪلب آڏو سخت احتجاجي مظاهرو مهانگائي تي ضابطو آڻي غريبن کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پرياسٽي: هٽرادو مهانگائي ۽ اٽي جي سخت کوٽ خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺري ميرواهه ۾ سني رابطه

ڪميٽي پاران سيدنا ابوبڪر

صديق رض بابت ريلي

ٺري ميرواهه رپورٽر) سني رابطه ڪميٽي طرفان تعلقه سوڀوديرو جي صدر غلام عباس خاصخيلي ضلعي رهنما مولانا جميل احمد عثماني مولانا محمد اسماعيل بروهي جي اڳواڻي ۾ مرڪزي مسجد امي عائشه صديقه فاروق اعظم چوڪ کان مدح اميرالمومنين خليفه بلافصل سيدنا ابوبڪر صديق و مطالباتي ريلي ڪڍي وئي / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

روهڙي ۾ ميڊيا ڪائونسل جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري

ميڊيا ڪونسل صحافت جي هڪ الڳ هي سڃاڻ آهي جو ته هي واحد پليٽ فارم آهي : اڳواڻ

ميڊيا ڪونسل ان صحافين جو آواز بڻجي انهن جي خوابن کي حقيقت ۾ تبديل ڪيو آهي

روهڙي (رپورٽر) پاڪستان ميڊيا ڪونسل ضلع سکر جي چونڊيل عهديدارن کي سياسي سماجي اڳواڻن پاران مبارڪ باد ڏيڻ جو سلسلو جاري پاڪستان ميڊيا ڪونسل ضلع سکر جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪ باد ڏيڻ لاءِ برابري پارٽي جي وفد ضلع سکر جي صدر عبدالنبي ابڙو جي اڳواڻي ۾ سيڪيٽريٽ آفيس سنڌ سوسائٽي پهچي گلن جا هار پارائي مبارڪ باد پيش ڪئي وفد ۾ ضلع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز ۾ اٽي جي بحران ۽ عام واهپي جي شئين جي کوٽ ۽ مهنگائي خلاف لانگ مارچ ريلي

لانگ مارچ ريلي جي سماجي اڳواڻ عابد بگا چانڊيو، فيصل ڪرل-احسان چانڊيو-شاهنواز سولنگي ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج ڪيو

اٽي جي بحران عام ماڻهوءَ کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آ اٽي، عام واهپي جون شيون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن: اڳواڻ

اسان جي پيادل لانگ مارچ ڪرڻ جو مقصد آهي ته اٽي جي هٽرادو کوٽ کي ختم ڪري سستي اگهه تي وڪرو ڪري ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) محرابپور کان نوشهرو فيروز ڊي سي آفيس تائين اٽي جي بحران ۽ عام واهپي جي شئين جي کوٽ ۽ مهنگائي خلاف نڪتل پيادل لانگ مارچ ريلي هالاڻي پهچڻ تي سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي،جسقم ، صحافين شهرين قوم پرستن شاعرن ريلي مٿان گلن جي ورڪا ڪري شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي پيادل لانگ مارچ ريلي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: اٽي جي بحران ۽ عام واهپي جي شئين جي کوٽ ۽ مهنگائي خلاف ريلي ڪڍي ٿي وڃي

سنڌ درويشن ۽ بزرگن جي

ڌرتي آهي : مخدوم ساجد

حسين هاشمي

دولتپور صفن (رپورٽر) غوث بهاء الدين ذڪريا درگاهه موهه شريف رحيم يار خان جي گادي نشين سيد مخدوم ساجد حسين هاشمي قريشي پنهنجي فرزند شهزادو سيد مخدوم احمد مجتبي هاشمي قريشي جا دولت پور جي مختلف ڳوٺن ۾ دورا مختلف برادرين سان تعزيت ڪئي ۽ مختلف برادرين وٽ چانه جي دعوت توڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

حيدر آباد ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران انقلابي، مزاحمتي ۽ عوامي شاعر ابراهيم منشيءَ جي سالگرهه تقريب

ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي ۽ ٻين جي شرڪت

ابراهيم منشيءَ وطن دوست ذات ڏٺي هو، سندس شاعري سنڌ جي مظلوم عوام جي دردن جي عڪاسي ڪندڙ شاعري آهي: مقرر

وڏيرڪي ڪردار کي اڌوهي سمجهندي انکي للڪاريو، ڪيس عقوبتون به سهڻيون پيون پر هن پنهنجن اصولن تي سوديبازي نه ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌ جي انقلابي، مزاحمتي ۽ عوامي شاعر ابراهيم منشيءَ جي سالگرهه تقريب ابراهيم منشي سنڌ جو عاشق، مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر ۽ ڌرتيءَ جو لاڏو پٽ هو. هو سنڌ جي مزاحمتي شاعرن جو سرواڻي واري صف ۾ بيٺل هو. هن مزاحمتي ۽ انقلابي حوالي سان جيڪا شاعري ڪئي، تنهن سنڌ جي سماج ۾ نئون روح ڦوڪيو هو. منشي جي شاعري,/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپورمهر پرسان نوجوان ۽ ناري پاران پيار جي پرڻي معاملي تان ملڪ برادري ۾ چڪتاڻ، احتجاج

هٿيارٻندن پاران نوجوان جي گهر تي مبينا حملو، فائرنگ، ڦرلٽ، هڪ جوابدار سوگهو، پوليس حوالي، نوجوان جي وارثن جو احتجاج ڪيو

ناري جي مائٽن اسان خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي، 15 کان وڌيڪ هٿيارٻندن جو ڳوٺ سومر موري تي ڪاهه ڪري فائرنگ ڪئي: مظاهرين

جوابدارن گهرن مان موٽرسائيڪل ۽ پيٽين جا تالا ٽوڙي سونا زيور ۽ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو نوجوان ۽ ناري پاران پيار جي پرڻي معاملي تان ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ. هٿيارٻندن جو نوجوان جي گهر تي مبينا حملو فائرنگ. ڦرلٽ. هڪ جوابدار سوگهو پوليس حوالي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانپورمهر: هٿيارٻندن پاران نوجوان جي گهر تي مبينا حملي خلاف وارث احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ جي تباهي جي ذميوار

پيپلز پارٽي آهي: ميان ناصر

الدين فاروقي

راڻيپور (رپورٽر) سنڌ جي تباهي جي ذميوار پيپلزپارٽي آهي برسات متاثرن جي بحالي نالي تي چونڊيل سياسي نمائندن پنهنجا گهر ڀري رهيا آهن ميان ناصر الدين فاروقي خبر موجب گذريل سال واري تباهي مچائيندڙ برسات ۾ سنڌ جي عوام جو اجهو لٽو تباهه ٿي ويو هاڻي پيپلزپارٽي عوام کي مهانگائي ذريعي بک وگهي مارڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

”حڪمران پنهنجا عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪريو“ باڊهه ۾ هفتيوار احتجاجي ريلي

تعلقا موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو ۽ ڪامريڊ قادر بروهي جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو ويو

سنڌ حڪومت سدائين بنيادي حقن جي لتاڙ ڪئي آهي، ڏيڍ لک آبادي تي مشتمل شهر بنيادي طور تعلقي جو حق رکي ٿو: زيب ساريو

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي بنيادي حق ڏنا وڃن ٻي صورت ۾ جيستائين تعلقي جو درجو نه ڏنو ويندو تيستائين جدوجهد جاري رهندي

باڊهه (رپورٽر) ”حڪمران پنهنجا عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪريو، باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيو“ جي زوردار نعرن سان باڊهه تعلقا موومينٽ پاران باڊهه شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڊهه تعلقا موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو ۽ ڪامريڊ قادر بروهي جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سنڌ پريس ڪلب باڊهه کان حيدر چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميرپورماٿيلو ۾ اٽي جو بحران ختم نه ٿي سگهيو، ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو

اڳواڻن زاهد ميراڻي، مصطفيٰ نائچ ۽ ٻين سنڌ ۾ اٽي جي بحران خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو، سخت نعريبازي

مالڪن ۽ خوراڪ کاتي جي ملي ڀڳت سان اٽي جو هٽرادو بحران پيدا ڪري من پسند منافعو وٺن ٿا: مظاهرين

منافعو خورن خلاف ڪاروائي ڪري اٽي جو بحران ختم ڪري عوام کي سستو اٽو مهيا ڪري ڏنو وڃي

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: سڄي سنڌ جيان ميرپورماٿيلو ۾ به اٽي جو بحران ختم نه ٿي سگهيو اٽي جي بحران ۽ مهانگائي خلاف ايس ٽي پي طرفان ميرپورماٿيلو ۾ احتجاجي مظاهرو، سرڪاري ڪامورن، مل مالڪن ۽ خوراڪ کاتي جي ملي ڀڳت سان اٽي جو هٽرادو بحران پيدا ڪري من پسند منافعو وٺن ٿا جيڪا غريب عوام سان زيادتي آهي، اڳواڻ تفصيل موجب سڄي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميرپور ماٿيلو: ايس ٽي پي ڪارڪن وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پڊعيدن ۾ برسات ۽ ٻوڏ

متاثرن ۾ دعوت اسلامي

پاران سامان تقسيم

پڊعيدن (رپورٽر) برسات ڪانپوءِ پڊعيدن جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ٻوڏ جي پاڻي تباهي مچائي ڇڏي هئي جنهن ڪانپوءِ الله جي راه ۾ ڪم ڪرڻ وارن دعوت اسلامي FGRF طرفان غريب مظلوم بي پهچ ماڻهن جيڪي پنهنجي گهرن کان بيگهر ٿيا انهن کي سياري جي حوالي سان جرسيون ڪمبل ٽينٽ راشن ۽ ٻيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سيوهڻ ۾ پ پ ش پ پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف علامتي بک هڙتال، احتجاج

پريس ڪلب سامهون ڏمال چوڪ سيوهڻ وٽ هڪ علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي

پوري سنڌ ۾ مهانگائي وڌي وئي آهي جنهن خلاف اسان علامتي بک هڙتال ڪئي آهي: اڳواڻ

غريب ڏهاڙي ڪمائيندڙ ماڻهو پريشان آهي مهانگائي عوام جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي آهي

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو پارٽي طرفان علامتي بک هڙتال ڪئي سيوهڻ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي تعلقي سيوهڻ جي اڳواڻن ۽ شهيد ڀٽو جي ڪارڪنن پنهنجي غنوي ڀٽو جي حڪم تي ۽ پارٽي جي ضلع ڄامشورو جي اڳواڻن جي سڏ تي 09 جنوري 2023 کان 14 جنوري 2023 تائين ضلع ڄامشورو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 16 جنوري 2023ع

سنڌ ۾ سستي اٽي جي فراهمي يقيني بڻايو

سنڌ حڪومت پاران اٽي جو نئون اگهه مقرر ڪرڻ باوجود اٽي جا اگهه گهٽجي نه سگهيا آهن. سڄي سنڌ ۾ اٽي جي وڌيل اگهن عوام جي مصيبتن ۾ واڌ آڻي ڇڏي آهي. اٽي جا اگهه وڌڻ ۽ مهانگائي خلاف سنڌ سراپا احتجاج بڻجندي پئي وڃي. لاڙڪاڻي ۾ اٽي جي کوٽ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته "سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي. سنڌي ماڻهو اٽي لاءِ قطارن ۾ بيٺو آهي ۽ حڪومت هٿ سان کوٽ پيدا ڪري عوام کان ماني ڳيو به کسڻ چاهي ٿي. هترادو ٻوڏ جي ڪري اڳ ئي سنڌي قوم دربدر ۽ پريشان آهي پر حڪمران ننڊ ۾ ستل آهن. جيڪڏهن جلد ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ هترادو اٽي جي کوٽ ختم نه ڪئي وئي ته حڪمرانن جي گهرن جو گهيراءُ ڪيو ويندو. "نوابشاهه ۾ اٽو 150 روپيا وڪرو ڪرڻ خلاف مردن ۽ عورتن پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. چڪ ويجهو محمد آباغ شهر ۾ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين اٽو سستو ڪيو جا نعرا هنيا. هنن چوڻ هو ته "سنڌ حڪومت هترادو مهانگائي ڪري عوام کي سخت تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو آهي. غريب عوام اٽو ۽ چانور کائڻ لا پريشان ٿي ويو آهي." ڪوٽ غلام محمد ۾ اٽي جي هترادو کوٽ ۽ اگهه چوٽ چڙهڻ خلاف شهرين نواب هائوس کان پريس ڪلب تائين پلي ڪارڊ ۽ بئنر کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي. جيڪب آباد ۾ اٽو اٽلي ٿيڻ ۽ عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ رڪارڊ واڌ خلاف مزدور شهري اتحاد جي سڏ تي مزدور روڊن تي نڪري آيا. احتجاجي جلوس ڪڍيو. ان موقعي تي مزدور اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته "وڌندڙ مهانگائي عوام جو چيلهه چٻي ڪري ڇڏي آهي. مهانگائي سبب سڀ کان وڌيڪ مزدور طبقو متاثر ٿيو آهي. مزدور هڪ ويلو ماني کائڻ لاءِ پريشان آهي." حيدرآباد ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ميرپورخاص، خيرپور، شاهپور جهانيان ۽ ٻين علائقن ۾ پڻ سخت احتجاج ڪيو ويو. ٻئي طرف وزيراعظم ملڪ ۾ ڪڻڪ جي موجوده ذخيرن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو آهي ته "صوبا ڪڻڪ جي وقت سر روانگي لاءِ پنهنجي گورننس بهتر ۽ پنهنجي ۽ پاسڪو جي ذخيرن سان ڪڻڪ فلور ملز تائين وقت سر پهچائي وڃي. ڪنهن کي ڪڻڪ جي هترادو کوٽ پيدا ڪري ناجائز نفعي خوري جي اجازت نه ڏينداسين. لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي ادارا اٽي ۽ ڪڻڪ ذخيرو ڪندڙن جي خلاف سخت قدم کڻن. حڪومت غريب عوام جي لاءِ اٽي جي هترادو کوٽ سان مهانگائي پيدا ڪندڙن کي سزا ڏي." جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ۾ عام واهپي جي شين جا وڌندڙ اگهه ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ دڪانن، اسٽالن ۽ بازارن ۾ پرائس لسٽون لڳائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. پنهنجي بيان ۾ مراد علي شاهه چيو ته جاري ڪيل هدايتن جو مقصد دڪاندارن کي پريشان ڪرڻ نه پر اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ آهي. هن هدايت ڪئي ته ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل ضلعي ۾ اگهن جي نگراني ڪن ۽ پرائس ڪنٽرول لاءِ خاص فورس قائم ڪئي وڃي. وڏي وزير چيو ته بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ کي مڪمل طور فعال رکيو وڃي، طئي ٿيل ايس او پيز موجب شين جي اگهن جي جاچ پڙتال ڪئي وڃي. ترجمان موجب وڏي وزير اڄ پاڻ به سبزين ۽ ميون جي فهرست جو جائزو ورتو. وزيراعظم کي جيڪڏهن سنڌ ۾ اٽي جي اگهن ۾ واڌ جو ٿورو به احساس هجي ها ته ايئن "اطمنان" جو اظهار نه ڪري ها. ٻئي طرف سنڌ جو وڏو وزير هدايتون ته جاري ڪري ٿو پر انهن تي عمل ڪير ڪرائيندو؟ اسان جو حڪمرانن کان مطالبو آهي ته سستي اٽي جي ستت فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. جيڪو به ذخيرا اندوزي ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ملوث آهي ان خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ته عوام کي سستو اٽو ملي سگهي ٿو.

سرد هوائون، گرم خبرون ۽ لڏندڙ صورتحال

بخت جمال شيخ

اڄ ڪراچي، حيدرآباد، ٺٽو، سجاول، بدين، ٽنڊوالهيار، ٽنڊومحمدخان، ڄامشورو ۽ دادو سميت سنڌ جي باقي رهيل 16 ضلعن ۾ ٻئي مرحلي تحت مڪاني چونڊون ٿي رهيون آهن. اهي چونڊون اصل ۾ ڇهه مهينا پهريائين 24 جولاءِ تي ٿيڻون هيون ۽ چار دفعا ملتوي ڪيون ويون هيون. رات تائين خبر پئجي ويندي ته نتيجا ڪهڙا ٿا اچن. اهي چونڊون ان خيال کان تمام اهم آهن ته اهي موجوده صورتحال ۾ سنڌ بابت سياسي بئروميٽر ثابت ٿينديون جنهن مان ماڻهن جي اليڪشني نبض جي خبر پئجي ويندي. ان سان اڻ سڌي طرح پنجاب ٽوڙي خيبر پختونخوا ۾ وچ مدي وارين چونڊن ۽ هن سال ڪنهن به وقت ٿيندڙ عام چونڊن بابت پڻ ابتدائي ڪٿ ڪري سگهبي.

گذريل ٻن ڏينهن کان ملڪ برفباري ۽ سائبيريا جي سرد هوائن جي گهيري ۾ آهي پر هر ڪلاڪ بعد نيون گرما گرم خبرون سامهون اچي رهيون آهن. جنهن مان اقتدارن جي ايوانن ۾ تبديل ٿيندڙ سوچ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن خبرن جي ڦرڻ گهرڻ مان لڳي ٿو ته سوچ اڃان تائين ورهايل آهي. اربع ڏينهن شام جو عمران خان لاهور مان خطاب ڪندي هشاش بشاش ۽ پر اعتماد نظر اچي رهيو هو. پر ان جي اٻتڙ هن اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته چڻ وٽن پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جي ووٽ وٺڻ لاءِ گهربل ووٽ ناهن جن کي پورو ڪرڻ لاءِ هو ڪوششون ڪري رهيا آهن. نون ليگ فتح جا بيان ڏنا ۽ نيوز اينڪرن چمڪي تي بندوق جيان نوان نوان تبصرا شروع ڪيا پر ڪلاڪ ٻن بعد خبر آئي ته پنجاب اسيمبلي جو اجلاس گهرايو ويو آهي ۽ سڀ ميمبر ايوان ۾ پهچي ويا آهن. رڳو وزيراعليٰ ۽ باقي گهربل ٻن ميمبرن جو انتظار آهي جيڪي گجرات، بهاولپور ۽ چڪوال مان روانا ٿي چڪا آهن. رات جو دير سان تاريخ مٽجڻ بعد يعني خميس تي صبح جو ڏيڍ وڳي پنجاب جي وزيراعليٰ چوڌري پرويزالاهي گهربل پورا 186 ووٽ کڻي اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري سيني کي حيران ڪري ڇڏيو. مخالفن بائيڪاٽ ڪيو. پهريائين نون ليگ وارن اعتراض واريو ته ڳڻپ درست ناهي ٿي ۽ اپوزيشن جي ايجنٽ کي ڳڻپ جو موقعو نه ڏنو ويو هو پر صبح جو نون ليگ جي گورنر جي وڪيل لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ان کي قبولي نوٽيفڪيشن جي واپسي جو اعلان ڪري سيني کي هڪ دفعو ٻيهر حيران ڪري ڇڏيو. ساڳي شام پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي صلاح تي پڻ چوڌري صحي ڪري ڇڏي. ايئن پنجاب اسيملبي ٽوڙي وئي ۽ خيبر پختونخوا جي اسيمبلي ڪنهن وقت به ٽٽڻ لاءِ تيار بيٺي آهي. ايئن ٻنهي صوبن ۾ 90 ڏينهن اندر صوبائي اسيمبلين جو چونڊون ڪرائڻ ضروري ٿي وينديون. اها ڳالهه واضح ناهي ته اهي چونڊون ڇهن مهينن لاءِ ٿينديون يا پنجن سالن لاءِ!

ٻئي طرف سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ به 25 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان سائبيريا جي سرد هوائن گهلندي گرم خبرن جي ٺٺن تيز رفتاري سان وهي رهي آهي. ايم ڪيو ايم جي ٽن ڌڙن کي حڪم مليو ته پاڻ ۾ ملي وڃو. جيئن تحريڪ انصاف جون سيٽون گهٽائي سگهجن. حڪم موجب خميس ڏينهن هڪٻئي کي غدار ۽ ملڪ دشمن چوندڙ ٽنهي ڌڙن هڪ ئي ٽيبل تي ويهي پريس ڪانفرنس ڪري متحد ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ڪجهه ضلعن ۾ اڄ ٿيندڙ مڪاني چونڊن خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آخري اپيل به رد ٿي وئي پر ايم ڪيوايم چيو ته ٽڪن کي درست يعني سندن مرضي موجب نه ڪيو ويو ته چونڊون نه ٿينديون. ساڳي رات تاريخ مٽجڻ بعد جمعي جي صبح جو ڏيڍ وڳي سنڌ ڪابينا جي هنگامي اجلاس ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ دادو ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ايم ڪيوايم جيڪا سدائين مڪاني چونڊن جي مطالبو ڪندي هئي تنهن اهي ملتوي ٿيڻ جي خبر جي آجيان ڪئي. جماعت اسلامي ان فيصلي جي خلاف اليڪشن ڪميشن اڳيان مظاهري جو اعلان ڪيو پر ان کان پهريائين ئي اليڪشن ڪميشن سنڌ سرڪار جي فيصلي کي رد ڪري پروگرام موجب چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. جماعت اسلامي ته مظاهرو ملتوي ڪيو پر تحريڪ انصاف صوبائي حڪومت جي فيصلي خلاف سنڌ اسيمبلي اڳيان مظاهرو ڪيو. اڃان اهي خبرون هضم ئي ٿي رهيون هيون ته سنڌ جي چيف سيڪريٽري جي آفيس ۾ قانون نافذ ڪندڙ ادارن دهشتگردي جو خطرو ظاهر ڪندي سنڌ سرڪار معرفت چونڊون ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڏني جيڪا اليڪش ڪميشن تائين پهچائي وئي. سنڌ سرڪار جو چوڻ هو ته پوليس جو گهربل تعداد موجود ناهي چو ته گهڻا سپاهي پروٽوڪول ڊيوٽين ۾ سوگها آهن ۽ فوج به انڪار ڪيو آهي. ان بعد رات جو اهي خبرون نشر ڪرايون ويون ته ايم ڪيو ايم وفاقي حڪومت کان الڳ ٿي ويندي. زرداري، شهباز، مولانا جي فونن جو ٽڙڪو شروع ٿي ويو ته "ٻيلي ڏاها ٿيو توهان جا سڀ مطالبا مڃيا ويندا." ساڳي رات پشاور پرسان پوليس اسٽيشن تي دهشتگردن جي حملي ۾ ٽي سپاهي به شهيد ٿي ويا. ڪالهه ڇنڇر ڏينهن منجهند جو ٻين وڳي نيٺ اليڪشن ڪميشن سنڌ سرڪار جي درخواست کي رد ڪندي هڪ دفعو ٻيهر پنهنجو ساڳيو فيصلو ورجائيندي پروگرام موجب چونڊن جو اعلان ڪيو ۽ رينجرس، پولس ۽ ايف سي کي امن امان قائم ڪرڻ لاءِ چيو. پولنگ اسٽيشنن لاءِ سامان ورهائجي چڪو آهي. اڃان ان خبر جا تفصيل نشر ٿي ئي رهيا هئا ته خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ محمود خان اعلان ڪيو ته شام جو اسيمبلي کي ٽوڙيو ويندو سنڌ سرڪار اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي عمل ڪرڻ ۽ آرڊيننس جاري نه ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي جيڪو ايم ڪيو ايم کي پسند نه ايندو. ان صورتحال تي غور لاءِ ٽين وڳي ايم ڪيوايم اجلاس سڏايل هو پر هي سٽون لکڻ تائين سندن فيصلو ظاهر نه ٿيو هو. لڳي ٿو ته پيپلز پارٽي اصل ۾ چونڊن جي حق ۾ هئي ۽ فقط ايم ڪيو ايم جي دٻاءُ تي وفاقي اتحادي حڪومت کي بچائڻ لاءِ اهو ڊرامو رچايو ويو هو. بلاول ته اها دعويٰ به ڪري چڪو آهي ته هن دفعي سنڌ جي ٻن وڏن شهرن ۾ ميئر سندن ئي پارٽي جا هوندا. هن عوام کي ووٽ وجهڻ ۽ ايم ڪيوايم کي بائيڪاٽ نه ڪرڻ جي اپيل به ڪئي.

ايئن هن وقت سنڌ ۽ ملڪ ٻن سياسي ڪئمپن ۾ ورهايل آهي. هڪ ڪيمپ جنهن ۾ تحريڪ انصاف، پيپلز پارٽي، جماعت اسلامي ۽ ٻيون ڪجهه پارٽيون شامل آهن جلد چونڊن جي حق ۾ آهن. جڏهن ته ٻي ڪئمپ جنهن ۾ نون ليگ، ايم ڪيو ايم، مولانا شامل آهن اهي وقت تي چونڊن يعني هن سال جي آخريا ان بعد چونڊن جي حق ۾ آهن. باخبر ذريعن موجب واشنگٽن، بيجنگ، لنڊن، برسلز ۽ انقره پاران ڪرايل الڳ الڳ ڪٿ يا سروي ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته عمران خان جو ووٽ بينڪ خاص طور پنجاب ۽ ڪي پي ۾ قائم آهي. تنهن ڪري عالمي ۽ نئين ملڪي اسٽيبلشمينٽ جي مک ڌارا ساڳئي صفحي تي آهن. سابق صدر جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي به ڪنهن حد تائين ساڻن مليل آهي چو ته ڪين يقين آهي ته خاص ڪري سنڌ ۾ سندن ووٽ بينڪ قائم آهي. ڏکڻ پنجاب ۽ بلوچستان مان به ڪجهه سيٽن تي ڪين اميد آهي ته هو کٽي ويندا. باپ جي نالي سان سڃاڻجندڙ بلوچستان عوامي پارٽي جا ڪجهه ميمبر به پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي چڪا آهن ان ڪري اهي جلد چونڊون چاهين ٿا چو ته عمران خان جي سياست ڪري غيريقيني جي فضا پيدا ٿي رهي آهي جنهن سان ملڪي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ لڳي رهيو آهي. موجوده سياسي غيريقيني کي وڌائڻ لاءِ صدر علوي وزيراعظم شهباز شريف کي اعتماد جي ووٽ وٺڻ لاءِ چئي سگهي ٿو جيئن پنجاب جي گورنر وزيراعليٰ چوڌري پرويز الاهي کي ووٽ وٺڻ لاءِ چيو هو. اهو اعلان عمران خان پنهنجي تازي خطاب ۾ پڻ ڪيو آهي. ان صورت ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجو اگهه وڌائڻ لاءِ گهڻ ڪري سگهي ٿي. ان پسمنظر ۾ اڄ شهباز شريف جي ڪراچي ۾ آصف علي زرداري سان ملاقات پڻ اهم آهي. عالمي ڌارا ان غيريقيني جي صورت ۾ ڪنهن وڏي مدد لاءِ تيار ناهي پر هو وڌندڙ دهشتگردي ۽ افغانستان جي صورتحال سبب پريشان به آهن. ٻوڏ ستايلن جي جنيوا ڪانفرنس ۾ ڏهه ارب ڊالرن جي امداد جو اعلان ٿيو آهي جنهن مان 90 سيڪڙو قرض آهي پر اهو نرم شرطن تي آهي جيڪو ٽن سالن اندر پاڪستان کي وصول ٿيندو پر اهو 40 سالن ۾ موٽائي ڏيڻو آهي جنهن تي وياج فقط هڪ سيڪڙو آهي. جنيوا ۾ غير سرڪاري تنظيمن پاران پيپلز پارٽي جي سنڌ ۾ گورننس ۽ حڪومتي سسٽم تي تنقيد سان پڻ شڪ شبها پيدا ڪيا ويا آهن جنهن سان پيپلز پارٽي اسٽيبلشمينٽ جي وڌيڪ ويجهو ٿيڻ لاءِ مجبور ٿيندي.

ڪراچي ۾ ايم ڪيوايم کي ان ڳالهه جو چڱي طرح احساس آهي ته اردو ڳالهائيندڙ وچين طبقي ۾ سندن اثر گهٽجي چڪو آهي پر ان سان فائدو جماعت اسلامي ۽ پيپلز پارٽي کي ملندو يا بدستور پي ٽي آءِ کي؟ تنهنجي خبر اچوڪن نتيجن ۾ پئجي ويندي. جيتوڻيڪ نون ليگ اعلان ڪيو آهي ته قومي اسيمبلي پنهنجو مدو پوري ڪندي چو ته هو سمجهن ٿا ته موجوده صورتحال ۾ چونڊون خودڪشي ٿيندي. پر ايندڙ مهينن ۾ معاشي صورتحال ۾ بهتري ۽ مهانگائي گهٽجڻ جي اميد ڪرڻ حقيقتن جي ابتڙ آهي چو ته آءِ ايم ايف به چئي چڪي آهي ته هي سال عالمي معاشي مندي جو سال رهندو. پر سندن گهڻيون اميدون عالمي ۽ ملڪي ڪرتا ڌرتائن جي آسري آهن جيڪي آر ٽي ايس کي بيهاري عمران خان کي وڏي پشيماني تي ٻيهر آڻڻ جي غلطي نه ڪندا. ان ڪري قومي چونڊون اپريل ۾ ٿين يا آڪٽوبر ۾. ايندڙ چونڊيل وفاقي حڪومت ڪنهن هڪ پارٽي بجاءِ مخلوط ٿي هوندي.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

اليڪشن ۽ مسئلن جي منهن ۾ قاتل ملڪ

غضنفر سولنگي

پاڪستان ۾ سياسي مسئلا اڳ کان وڌي ويا آهن جنهن جو وڏو سبب به اهو ئي آهي ته غيراهم اشوز کي وڌيڪ اهميت ڏئي وقت ۽ پئسي جو زيان ڪيو ويو آهي. ملڪ ۾ هر پارٽي ۽ هن جو ڪارڪن هر وقت انهي وٽ پڪڙ ۾ ئي پورو هوندو آهي ته اقتدر جي ڊوڙ ۾ ڪرسي ڪيئن حاصل ڪجي انهي پڄ ته پڇان ۾ سرڪار جا مزا ماڻيندڙن اڳواڻن وٽ وري ڪو خاص منشور ۽ پلان ئي ناهي هوندو ته هنن کي ڇا ڇا ڪرڻو آهي ليڊرن لاءِ کوکلا نعرا ، جلسا ۽ ريليون ڪڍندڙ ڪارڪن هنن جي ئي طاقت ۽ حوس جو شڪار ٿيندا آهن جيڪي اڳ مٿن فخر ڪندا رهندا هئا.

آئيني،سياسي بالادستي سان گڏوگڏ اهم معاملااڄ به جيئن جو تيئن پيا آهن جنهن ۾ اهم معاشي ۽ معاشرتي مسئلا آهن مثال طور غربت، جهالت، آبادي جي واڌ، طبعي سهولتن جي اڻهوند، انفرااسٽرڪچر جي گهٽتائي، تعليمي سرگرمين ۽ معيار جا مونجهارا، اٽي لٽي ۽ اجهي جي سوالن سان بجلي پاڻي ۽ زراعت جا سوين مسئلا آهن جن تي توجهه ڏيڻ جي اشد ضرورت آهي پر حڪمران ڪجهه بيان بازي ڪري عوام کي آسرن ۾ هميشه کان رولبندا رهيا آهن.

ايئن ناهي ته حڪومتون هنن اشوز ته بجيٽ ۾ پئسا ناهن رکنديون پر هنن مسئلن تي رکيل بجيٽ جو ڪافي حصو ته ادارن جي ڪميشن ۽ سياستدانن جي ڪرپشن جي شڪار ٿيو وڃي ۽ اصل رقم مان جيڪڏهن ڪجهه رقم به ڪم ته خرچ ٿي ته سمجهبو وڏي ڳالهه ٿي پئي انهي سببن جي ڪري پنهنجي ملڪ ۾ وڃن ٿا مسئلا ڏينهن ڏينهن وڌندا.

ڪجهه سياسي جماعتون چون اسان کي پاور ملي ته ملڪ کي اسلامي ڪيون ڪين خبر به اٿن ته پياري پاڪستان ۾ 96 سيڪڙو انسان مسلمان ئي ته آهن. اڳ اهي مهانگائي ۽ معاشرتي مسئلن خلاف روڊن تي ايندا رهيا پر اڄڪلهه پئسن جي ڪري سڀ گڏ چپ سبيو ويٺا آهن.

هر شخص رياست جي رهنوار کي پنهنجي سوچ .خيال مطابق هلائڻ جو خواهشمند آهي پر رياست سگهوري ۾ ته سياست صرف پاور ۽ پئسي جي هلندي، ڪير پلي پاڪستان جي سياست ۽ مسئلن جي کهڙي به کٽي درجا بندي ڪري ۽ انهن تي کهڙا به کڪ رکي پر ڳالهه وڃي به اتي دنگ ڪندي ته ملڪ ۾ مسئلن جا انبار جنهن جا پيدا ڪيل آهن انهن کي ئي حل ڪرڻ جي لاءِ اڳتي اچڻو پوندو نئين طريقي سان پنهنجا مفاد مورچا ڇڏي ڪري ملڪ جي سالميت ۽ خوشحالي لاءِ اقربا پروري، نسل پرستي ڇڏي محرومين جو ازالو ڪرڻو پوندو چو ته پاڪستان ۾ جمهوريت به ڪيترائي منهن ڪڍي سامهون ايندي رهي آهي جنهن ۾ مشهور زمانا براند "بنيادي جمهوريت"، "اسلامي جمهوريت" ۽ "حقيقي جمهوريت" شامل آهي.

گذريل ستر سالن کان وڌيڪ وقت گذاريندڙ ملڪ جون حالتون ڪيترين ته تاريخ جو حصو ٿي ويون پر اڄ به ملڪي مفادن جي خلاف ڪيل فيصلا اتي ئي پيل رهيا آهن حيرت انگيز بدعنواني ۽ مقامي بيوروڪريسي جي نااهلي جي ڪري رياست جي ادارن تان عوام جو ويساهه ئي ختم ٿيندو پيو وڃي. پوليس جو ڪم آهي ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ هتي ته ابتي گنگا پئي وهي هتي ماڻهو ٿا پوليس جو وري خيال رکن.

عوام سياسي پارٽين کي اقتدار جي جنگ جو حصو سمجهي ٿو ۽ هر ايندڙ اليڪشن ۾ ووٽرن جو تناسب گهٽبو پيو وڃي، عام اليڪشن ۾ به ماڻهو پنهنجي بهتري نه ڏسندي انهي مهم جو حصو نه پيو ٿئي وڏين وڏين سياسي پارٽين جي گروهن ۽ گروپن ۾ ڌڙا بندي عوام ۽ جمهوريت کي نقصان رسايو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته ملڪ جي مڙني مسئلن جو حل صرف ۽ صرف جديد ترقي پسند سوچ سان سلهاڙيل آهي جنهن ۾ حقيقي طور عوام لاءِ سچائي سان منجهيل مسئلن کي منهن ڏيڻ جي طاقت ۽ خوشحالي لاءِ اڳتي قدم وڌائڻ جو حوصلو ۽ وچن هجي، جنهن سان ئي ماڻهن ۾ آيل مايوسي ختم ٿي سگهندي.

بقايا ✻✻✻ 01

آهي. پي ٽي آءِ پراميد آهي ته ايم ڪيو ايم وزيراعظم کي ووٽ نه ڏيندي. عمران خان چيو ته وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو هاڻ شهباز شريف کي ٽيسٽ ڪنداسين. پي ٽي آءِ ٽيسٽ پاس ڪري ورتي. هاڻ شهباز شريف جو وارو آهي. نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي هن چيو ته پهريون پيرو شهباز شريف کي امتحان ۾ وجهنداسين اسان وٽ اعتماد جي ووٽ سان گڏ ٻيا آپشن به آهن هن چيو ته پنجاب اسيمبلي ٽٽڻ جي هڪ هفتي بعد ڪي پي ڪي اسيمبلي کي ٽوڙيو ويندو. آصف زرداري سنڌ جي وزيرن سان نوٽن جا ٿيلها ڀري لاهور ڪٽي آيو ته اسان جا ميمبر گهبرايل هئا. نامعلوم نمبرن تان فون ڪندڙ اهي اڄون به ڏئي رهيا هئا ته نواز ليگ ۾ هليا وڃو هاڻ ان کي اڇتو آهي، پر مون پنهنجي ماڻهن جي ٽيمپريچر جو جائزو پئي ورتو. پاڪستان بدلجي ويو آهي. مون ڪڏهن نه ڏٺو ته اٿين ايم پي ايز تي دٻاءُ وڌو ويو هجي. مون کي اندازو ٿي ويو هو ته هاڻ هي نه ويندا. ايم پي ايز کي اندازو هو ته جيڪو هن وقت پارٽي ڇڏيندو اهو پنهنجي سياست جو جنازو ڪڍندو. اها تمام وڏي تبديلي هئي. هن چيو ته رات جو 10 وڳي اندازو ٿيو ته هاڻ پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي پوزيشن ۾ آهيون مونس الاهي تمام وڏو ڪردار ادا ڪيس هو اسپين مان ميمبرن کي فون ڪري رهيو هو چاڪاڻ ته ق ليگ جا ميمبر آخر ۾ گهٽ هئا. اسان جا پورا ٿي ويا هئا هن چيو ته اصل قرباني پرويز الاهي ڏني آهي اسان ڪيس تجويز ڏني آهي ته پارٽي پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪريو. اتحادي حڪومت ۾ مسئلا ٿيندا آهن ساڍن ٽن سالن ۾ سيني کي هينڊل ڪرڻ مون لاءِ عذاب هوندو هو اسان هنن کي ترقياتي فنڊ ڏيندا هئاسين ته اسان جا ميمبر ناراض ٿي ويندا هئا. هاڻ مضبوط ۽ طاقتور حڪومت جي ضرورت آهي. هن چيو ته مون کي خوف ٿي رهيو آهي. سياسي انجنيئرنگ ڏسي رهيو آهيان. ايم ڪيو ايم کي گڏ ڪيو پيو وڃي. بي اي پي کي پ پ ۾ آماڻي رهيا آهن. ڏکڻ پنجاب ۾ پ پ کي سيٽون، جي يو آءِ کي ڪي پي ۾ ۽ هتي سيني کي چون پيا ته ن ليگ ۾ هليا وڃو چاڪاڻ ته عمران خان تي ڪراس لڳائي ڇڏيو آهي. هنن تاريخ مان ڪو سبق نه سکيو آهي. سياسي انجنيئرنگ ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ملڪ جو سوچيو ته صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ گهرجن. هن چيو ته اقتدار ۾ اچڻ وقت شروع ۾ لڳو ته اسٽيبلشمينٽ مون سان گڏ آهي. جنرل باجوه مونسان آهي. هنن کي سمجهه ناهي ته جنهن کي عوام جي حمايت هجي ان تي منڊيٽڙو نه ٿو لڳائي سگهجي. مجيب الرحمان. پ پ ۽ ايم ڪيوايم. نواب اڪبر بگٽي تي منڊيٽڙو لڳائي ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ويو سڄي ملڪ جي ادارن کي گڏجي هن صورتحال مان نڪرڻو پوندو. هنن اسان جي سيڪورٽي تي سمجهوتو ڪيو ويو جيئن سريلنڪا ۽ مصر ۾ ڪري رهيا آهن ته هي ملڪ ٽٽي ويندو. ان لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. آءِ ايم ايف سريلنڪا کي چيو آهي ته پنهنجي فوج اڌ ڪريو نه ته مدد نه ڪنداسين. نيلسن منڊيلا جهڙي ٽرٿ اينڊ ري ڪنسليئيشن جي ضرورت آهي. ٽرٿ اينڊ ريڪنسليئيشن آهي ته اعظم سواتي سان سچ ڳالهايو ته ها اسان اهو غلط ڪيو آهي مون کي چون ته توهان کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، معافي گهرون ٿا. شهباز گل کي چون ته اسان ملڪ جي بهتري لاءِ معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

بقايا ✻✻✻ 02

موجب وارڊ نمبر 4 بدين تان پي پي پي اميدوار سليمان سومرو 888 ۽ جي ڊي اي جي اميدوار رزاق سومرو 768 ووٽ کڻي سگهيو. وارڊ نمبر 7 تان پي پي اميدوار عاشق علي گرهانگ 763 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو ۽ جي ڊي اي جو سليم بجير 276 ووٽ کڻي سگهيو وارڊ نمبر 5 تان پي پي پي جو اميدوار گلزار ميمڻ آزاد اميدوار محمد رحيم اديجو کان 48 ووٽ وڌيڪ کڻي ڪامياب ٿي ويو ميونسپل ڪاميٽي بدين جي غير حتمي نتيجن موجب وارڊ نمبر 2 تي جي ڊي اي مرزا گروپ جي مدثر خاصخيلي مسز حميدا خاصخيلي کي شڪست ڏني ۽ وارڊ نمبر 9 تان پي پي پي اميدوار فتح محمد گرهانگ 498 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو ۽ جي ڊي اي جي اسلم نوتڪاڻي 408 ووٽ کڻي هارائي ويو وارڊ نمبر 10 مان پي پي جو مبارڪ سومرو 661 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته جي ڊي اي جو اميدوار 481 ووٽ کڻي سگهيو بدين جي وارڊ نمبر هڪ تي تحريڪ انصاف جو شاهجهان خاصخيلي پي پي پي اميدوار حاجي الهورايو کان ۽ وارڊ نمبر 11 تي پي پي پي جو پير محمد صالح قريشي جي ڊي اي جي عبدالڪريم سومرو کان چونڊ کٽي ويا آهن اهڙي طرح بدين شهر جي چوڏهن وارڊن مان 12 وارڊن تي پي پي پي ۽ هڪ وارڊ تي تحريڪ انصاف هڪ وارڊ تي جي ڊي اي ڪاميابي ماڻي ورتي آهي

بقايا ✻✻✻ 03

جي 9 وارڊن مان ٻن وارڊن تي پ پ پ جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب جڏهن ته 7 وارڊن تي ٿيندڙ پ پ پ جا سمورا اميدوار ڪامياب جڏهن ته ٺٽي جي صرف هڪ ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ٽن وارڊن تي ٻن وارڊن تي اڳوڻي چيئرمن اقبال خاصخيلي جي آزاد گروپ جي اميدوارن ڪاميابي ماڻي ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوارن کي وڏي مارجن تان هارائي بدترين شڪست ڏني جڏهن ته هڪ وارڊ تي پ پ پ کي ڪاميابي حاصل مجموعي طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي سموري ضلعي مان ٻئي مرحلي ۾ ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻي ورتي ياد رهي ته ضلعي ٺٽي ۾ سياسي طور تي وڏي سياسي گروپ شيرازي گروپ پاران گذريل جنرل اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ ضلعي ٺٽي ۾ پ پ پ جي سامهون مضبوط اميدوار نه هجڻ ڪري پيپلز پارٽي بلدياتي چونڊن ۾ پڻ ٺٽي ضلعي مان ڪاميابي ماڻي ورتي

بقايا ✻✻✻ 04

9 وارڊن مان ٻن وارڊن تي پ پ پ جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب جڏهن ته 7 وارڊن تي ٿيندڙ پ پ پ جا سمورا اميدوار ڪامياب جڏهن ته ٺٽي جي صرف هڪ ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي ٽن وارڊن تي ٻن وارڊن تي اڳوڻي چيئرمن اقبال خاصخيلي جي آزاد گروپ جي اميدوارن ڪاميابي ماڻي ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوارن کي وڏي مارجن تان هارائي بدترين شڪست ڏني جڏهن ته هڪ وارڊ تي پ پ پ کي ڪاميابي حاصل مجموعي طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي سموري ضلعي مان ٻئي مرحلي ۾ ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻي ورتي ياد رهي ته ضلعي ٺٽي ۾ سياسي طور تي وڏي سياسي گروپ شيرازي گروپ پاران گذريل جنرل اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ ضلعي ٺٽي ۾ پ پ پ جي سامهون مضبوط اميدوار نه هجڻ ڪري پيپلز پارٽي بلدياتي چونڊن ۾ پڻ ٺٽي ضلعي مان ڪاميابي ماڻي ورتي

بقايا ✻✻✻ 05

پي ٽي آئي جو ايم پي اي رابستان خان گرفتار اڻ ڄاتل جڳهه تي منتقل پي ٽي آئي ايم پي اي رابستان خان پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي شاهده رحماني جي پٽ يوسي 12 تي نامزد اميدوار يوسي چيئرمين بلال رحمان تي ميعينا جهيڙي دوران زخمي ٿيل بلال رحمان الزام لڳائيندي چيو ته پي ٽي آئي جي غنڊن پولنگ اسٽيشن تي اچي بدمعاشي ڪري مون مٿان ۽ اسان جي عملي مٿان حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو جنهن بعد سيڪورٽي ادارن جي اهلڪارن پي ٽي آئي جي ايم پي اي رابستان خان گرفتار ڪري اڻ ڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي هوڏانهن ٻي طرف اڳوڻي گورنر سنڌ عمران اسماعيل اهڙي واقعي تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ سندس الزام لڳائيندي چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشا پنهنجي غنڊا گردي ڪري عوام کي ڊڄاري سندس ضروري ووٽ ڪيسو ويو آهي

بقايا ✻✻✻ 06

ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ نمبر 20 تي چونڊ عمل اميدوار احمد خان سولنگي جي فوت ٿيڻ سبب چونڊ نه ڪرائي وئي. ڪامياب ٿيل پيپلز پارٽي جي اميدوارن جون خوشي ۾ پنهنجي تڪ جي ووٽرن سان گڏ ريليون سڄي شهر ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جون دهلن ۽ شرنائين تي رقص. کٽيندڙ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جون ب ب ضلعي دادو جي صدر ايم اين اي رفيق احمد جمالي جي هائوس تي گڏيل طور تي پهچي ڪيس مبارڪون ڏنيون جتي پيپلز پارٽي جي ڪاميابي جو وڏو جشن ملهايو ويو. جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج ۾ کٽيندڙ اميدوارن کي ڪارڪنن پنهنجن اليڪشن ڪئمپن تي پهچايو. پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي دادو جي صدر سردار عاشق حسين زئنور جو ڀاءُ سردار شاهد حسين زئنور پنهنجي تڪ تي پ پ پ اميدوار کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جو راجا وقار لاشاري ڪامياب ٿي ويو. هوڏانهن دادو شهر جي ميونسپل ڪاميٽي تي 2 آزاد اميدوار به بلدياتي اليڪشن 2023 ۾ ڪامياب ٿيا آهن جن ۾ نامور وڪيل حبيب لغاري ۽ سنڌ جي سداحيات شاعر استاد بخاري جي پوٽي سيد امير احمد شاهه بخاري به ب ب پ کي شڪست ڏئي آزاد حيثيت ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ورتي. اليڪشن ڪميشن دادو پاران رابطي تي ٻڌايو ويو ته دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 20 تي چونڊ عمل نه ٿي سگهيو چاڪاڻ ته اتي بيٺل اميدوار احمد خان سولنگي جي وفات سبب چونڊ ملتوي ڪئي وئي آهي جنهن جي بعد ۾ چونڊن جي تاريخ مقرر ڪئي ويندي. ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 13 تي ڪاميابي ماڻيندڙ اميدوار پير دانش پنهنجو ووٽ ڪاسٽ نه ڪيو پير دانش ملڪ کان ٻاهر هجڻ ڪري پنهنجو ووٽ ڪاسٽ نه ڪري سگهيو جڏهن ته پ پ پ جي اڳوڻي صوبائي وزير تعليم پيرمظهرالحق ۽ پ پ پ ايم پي بئريسٽري پيرمجيب الحق جي دادو واري رهائشگاهه تي پڻ پ پ پ جي ڪارڪنن جو جشن جاري. دادو ميونسپل ڪاميٽي تي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي چونڊ ۾ پ پ پ کي واضع اڪثريت حاصل ٿي وئي. پيپلز پارٽي تعلقي دادو جو صدر شمس الدين عرف بابن خان پنهور ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 1 تي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻڻ تي پنهور برادري پڻ الڳ جشن ملهايو

بقايا ✻✻✻ 07

اسلام آباد ۾ چونڊ شيڊول دوران يوسيز جو انگ وڌايو ويو ۽ اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن جو معاملو هاءِ ڪورٽ ۾ هيٺ آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان چيو ته اسلام آباد جي 101 يوسيز تي 7 کان 10 ڏينهن ۾ مڪاني چونڊن لاءِ تيار آهي تنهنڪري ڪميشن تي مڙهيل الزام غلط ۽ قانون جي خلاف آهن. ڳهرو وزير راڻا ثناءُ الله جو بيان غلط ۽ عوام کي ورغلائڻ برابر آهي. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني ۽ قانوني ذميواري بهتر طريقي سان ادا ڪري رهيو آهي، چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ بعد چونڊ فهرستن کي منجمد ڪيو ويندو آهي انڪري شيڊول جاري ٿيڻ بعد ووٽ داخل يا خارج نٿو ڪري سگهجي. سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي جو شيڊول 29 هين اپريل 2022 ع تي جاري ڪيو ويو ۽ 29 هين اپريل جي چونڊ فهرستن موجب مڪاني چونڊون ڪرايون پيون وڃن.

بقايا ✻✻✻ 08

پي ٽي آءِ جي غنڊن حملو ڪيو ۽ سندس ساٿين تي تشدد ڪيو ويو. صوبائي وزير چيو ته پي ٽي آئي جي غنڊن پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻ شهزاد ميمڻ جي گاڏي تي پڻ حملو ڪيو ۽ گاڏي جا شيشا ٽوڙيا. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي دهشتگردي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته پي ٽي آءِ بدمعاشي واري سياست بند ڪري.

بقايا ✻✻✻ 09

مختلف ضلعن مان ڪجهه آزاد اميدوار به ڪامياب ٿيا آهن. سنڌ جي ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو ڪراچي مان نتيجا اچا رهيا آهن پر هي خبر فائيل ڪرڻ تائين جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ ۽ پيپلزپارٽي سيني کان اڳتي هجڻ جون دعويدار آهن. ايم ڪيو ايم چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ ان سبب ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو ڪجهه تجزيه ڪارن جو خيال آهي ته الطاف حسين جي بائيڪاٽ جي اپيل بعد ايم ڪيوايم ٻڌتر جو شڪار رهي ڊپ کان بائيڪاٽ ڪيو

بقايا ✻✻✻ 10

اتر پرديش جي ضلعي سنڀل جي ڳوٺ ۾ ڍرميش نالي هڪ شخص پوليس اسٽيشن ۾ پنهنجي پٽ جي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائي، جنهن بعد پوليس ٽيم ناهي جاچ شروع ڪري ڇڏي. جاچ دوران پوليس کي انڪشاف ٿيو ته ڍرميش پنهنجي ئي پٽ کي ناجائز ٻار سمجهندو هو جنهن سبب هن معصوم کي بيدردي سان قتل ڪري لاش ميدان ۾ اڇلايو پوليس موجب 5 جنوري تي ٻارڙي جي گمشدگي جي رپورٽ داخل ٿيڻ بعد پوليس انتظاميا ڳوٺ ۾ سي سي ٽي وي فوٽيج چيڪ ڪيا ته معصوم جو لاش ڪمند جي فصل مان مليو جاچ آفيسر جو چوڻ هو ته معصوم ٻارڙو گم نه ٿيو هو پر سندس پيءُ ڍرميش ڪيس جوتن جي پٽي سان قتل ڪري لاش ڪمند جي فصل ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. پوليس موجب جوابدار ڍرميش کي پنهنجي زال جي ڪردار تي شڪ هو جنهن سبب هو مسلسل پنهنجي زال سان جهيڙو ڪندو هو ۽ ٻارڙي کي مارڪيٽ ڪندو هو

بقايا ✻✻✻ 11

جي ڪارڪنن ڏنڊ چڪ ڏنا جنهن سبب ڇڪتاڻ واري صورتحال رهي، ٽنڊو الهيار ۾ پولنگ اسٽشن بختاور پتافي ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جڏهن ته دادو ۾ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول پولنگ اسٽيشن تي پ پ ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ڏنڊ چڪ ڏنا. سيوهڻ جي يونين ڪائونسل ٿلتي جي پولنگ اسٽيشن تي پڻ ڇڪتاڻ واري صورتحال رهي. هڪ جماعت پنهنجي پولنگ ايجنٽ کي ٻاهر ڪڍڻ تي آر او آفيس سيوهڻ ٻاهران احتجاج پڻ ڪيو

بقايا ✻✻✻ 12

ورتي. وڏي وزير مراد علي شاهه سينٽرل پوليس آفيس جي دوري دوران ڳالهائيندي چيو ته شرپسندن کي بخش نه ڪيو ويندو. سمورين جماعتون چونڊ ضابطن جو احترام ڪن. ڏي وزير آءِ جي سنڌ کي هدايت ڪئي ته پولنگ دوران شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ کي يقيني بڻايو وڃي. چونڊ جو عمل پرامن طريقي سان جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 13

اداري موجب افغانستان جي راڄڌاني ڪابل ۾ پارليامينٽ جي هڪ عورت ميمبر مرسل نبي زاده جي گهر ۾ هڪ هٿياربند شخص گهڙي آيو جنهن سندس گارڊ کي روڪڻ تي ماري ڇڏيو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گارڊ موقعي تي مارجي ويو جڏهن ته هٿياربندن عورت کي به گولين جو بک بڻايو ۽ اڳوڻي اسيمبلي ميمبر جو ڀاءُ به واقعي ۾ زخمي ٿي پيو اتان جي عملدارن جو چوڻ آهي ته هٿياربند واقعي بعد فرار ٿي ويو. ڪيس گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا ✻✻✻ 14

فضل الرحمان چيو ته عمران خان ٻين تي الزام لڳائيندو آهي ۽ ڪيس چور چوندو آهي عمران خان کي ان ڳالهه جو ڏک آهي ته هو پنهنجي ٻاهرين آقائن جو مشن پورو نه ڪري سگهيس پي ڊي ايم سربراهه چيو ته عمران خان ملڪ کي ڊيفالٽ ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. دنيا اسان جي مدد ڪري رهي آهي. عمران خان ٻڌائي ته پاڪستان جي دوستن اوهان جي مٿان ڀروسو ڇو نه ڪيو؟ دنيا چوي ٿي ته عمران خان کي پئسا ڏيندو ته اهي ضايع ٿي ويندا. عمران خان کي مخاطب ٿيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته توهان پاڻ کي مظلوم ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو کڻي ڏيکاريو جنهن جي بنياد ئي ڪوڙ جي سوشل ميڊيا تي هجي اهو اسان کي ڪهڙو سچ ٻڌائيندو؟ اهڙا ماڻهو پنهنجي اعمالن ۽ ڪردارن سبب سيني جي سامهون وائکا آهن. مولانا فضل الرحمان چيو ته عمران خان سوچي رهيو هو ته مان اسيمبليون ٽوڙيندس ته طوفان اچي ويندو. پر اهڙو ڪجهه به نه ٿي سگهيو مولانا فضل الرحمان چيو ته عمران خان ٻيهر اقتدار ۾ آيو ته هي ملڪ تباهه ٿي ويندو.

بقايا ✻✻✻ 15

ڇنڇر جي رات پيش آيو هو مالويا نگر پوليس موجب لفٽ ۾ ڦاٿل ٻيا ماڻهو ڪاميابي سان بچي ويا. لفٽ ۾ ڦاٿل ٽن شاگردن پوليس کي ايس او ايس ڪال ڪئي جنهن بعد جلد هڪ فائر انجڻ پوليس ۽ ٻيا اهلڪار پهتا. واقعي واري هنڌ جي وڊيو ۾ لفٽ جي گيٽ ۽ پٽ وچ ۾ وڏي ڏسي سگهجي ٿي. پوليس جو چوڻ آهي ته اهو انجاتل چور هو جيڪو وٺي ۾ ڦاسي پيو هوءِ ان جي ڪري ئي لفٽ خراب ٿي وئي هئي.

بقايا ✻✻✻ 16

کان آگاهه آهي ۽ سنڌ ۾ مڪاني تڪبنديون قانون پٽاندڙ ڪيون ويون آهن جيڪي اليڪشن ايڪٽ ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع تحت ڪيون آهن. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن آزاد ادارو آهي. سمورا فيصلا آئين ۽ قانون موجب ڪندو آهي.

بقايا ✻✻✻ 17

شمير ٺٽوي کي پولنگ اسٽيشن مان بيدخل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته اها غيرقانوني حرڪت ۽ چونڊ ضابطن جي ڀڃڪڙي آهي. ٻئي پاسي صوبائي اليڪشن ڪمشنر ڊي آر او ايسٽ کي خط لکيو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته فردوس شمير پولنگ اسٽيشن ۾ بيلٽ باڪس جي سيل ٽوڙي. اهو عمل چونڊ ضابطن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي. فردوس شمير سميت اڻ واڳيل سمورن ماڻهن کي پولنگ اسٽيشنز مان ٻاهر ڪڍڻ جو حڪم ڏنو ويو

بقايا ✻✻✻ 18

. پوليس چيف جي دعويٰ پنهنجي جاءِ تي پر ڪراچي. مٽياري ۽ دادو ۾ هلڪن ڦلڪن جهيڙن جهڳڙن جا اطلاع مليا آهن گلشن معمار ۾ يو سي 12 جي پي پي جي يو سي چيئرمين جي اميدوار بلال سعيد کي پي ٽي آءِ وارن ڪٽڪو ڏنو. هو سخت زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال روانو ڪيو ويو آهي پوليس پي ٽي آءِ جي ايم پي اي رابستان خان کي گرفتار ڪيو ويو آهي. چنيسر ڳوٺ ۾ ووٽنگ مڪمل ٿيڻ وقت سرڪاري اسڪول جي عمارت جنهن ۾ 3 پولنگ اسٽيشنز ۽ 6 بوٿ قائم ڪيا ويا هئا. جماعت اسلامي ۽ پيپلزپارٽي جي ڪارڪنن ۾ جهيڙو ٿي پيو. هڪٻئي تي لتن مڪن ۽ لٺين سان حملو ڪيو ويو 2 ڌرين جي زخمي ٿيڻ جو اطلاع آهي جن کي پوليس بحفاظت محفوظ جاءِ تي منتقل ڪيو. پي پي وارن جي دعويٰ آهي ته سندن عورت ڪارڪن سان بدتميزي ڪئي وئي جنهن تان جهيڙو ٿيو. منگهوپير جي يوسي 3 وارڊ ۾ جماعت اسلامي ۽ پ پ جا ڪارڪن آمهون سامهون ٿي ويا. منگهوپير ۾ جماعت اسلامي انتظاميا سان گڏ پيپلز پارٽي تي ڌانڌلي جا الزام هنيا. جڏهن ته صورتحال ڇڪتاڻ واري ٿي وئي. پوليس ۽ رينجرز جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي وئي. ٻئي طرف ٽنڊوالهيار ۾ بختاور پتافي جي پولنگ اسٽيشن تي ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ پولنگ اسٽيشن تي ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي. دادو جي گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول پولنگ اسٽيشن تي پيپلز پارٽي ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۾ جهيڙو ٿي پيو جڏهن ته پ پ ايم پي اي پير مجيب الحق کي ڪارڪنن سميت پولنگ اسٽيشن اندر داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو نارٿ ناظم آباد ۾ نقاب پوش انجاتل ماڻهو پولنگ اسٽيشن ۾ داخل ٿي ويا. آر او موجب ضلعي سينٽرل نارٿ ناظم آباد ٽائون يوسي 3 جي پولنگ اسٽيشن ۾ نقاب پوش انجاتل ماڻهو داخل ٿيا ۽ پولنگ عملي کي هراسان ڪيو آر او جو چوڻ هو ته انجاتل ماڻهو پيپلز پارٽي جي جهنڊن سان گاڏين ۾ سوار هئا ۽ ٽيڪنيڪل سامان سان هٿ چراند جي ڪوشش ڪئي. دادو ۾ پي پي ايم پي اي پير مجيب پولنگ اسٽيشن ۾ داخل ٿين جي ڪوشش ڪئي سندن پي ٽي آءِ ڪارڪنن سان منهن ماري ٿي. پوليس اچڻ بعد معاملو حل ٿي ويو. سعيد آباد ۾ پي پي ۽ جي ڊي اي ڪارڪنن ۾ ڏند چڪ ٿيا ۽ هٿين پئجي ويا پر پوليس اچڻ بعد ڪجهه دير روڪيل پولنگ ٻيهر شروع ٿي. پي ٽي آءِ جي ايم پي اي عزيز جان جو چوڻ آهي ته لياري ۾ نيا آباد جي يوسي 11 ۾ پولنگ 12 وڳي تائين رڪيل رهي. هن پي پي تي غنڊا گردي جو الزام هنيو

بقايا ✻✻✻ 19

کي تحريڪ انصاف ۾ ضم ڪيو وڃي ان سان گڏوگڏ عمران خان مونس الاهي جي سياسي حڪمت عملي ۽ وفاداري مان ڏاڍو خوش ٿيو هن پي ٽي آءِ ۾ مونس الاهي کي اهم عهدو ڏيڻ جي به آڇ ڪئي جنهن تي پرويز الاهي چيو ته هن موقعي تي عهدو ورتو ويو ته ماڻهو سمجهندا ته اسان شايد بارگين ڪئي آهي تنهنڪري اسان کي ڪو عهدو نه کپي. پرويز الاهي چيو ته باقي پي ٽي آءِ ۾ ضم ٿيڻ لاءِ پارٽي اڳواڻن جو اعليٰ سطحي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي جنهن ۾ ق ليگ جي سمورن اڳوڻن اسيمبلي ميمبر، عهديدار ۽ سمورا اڳواڻ شريڪ ٿيندا ۽ پنهنجي ڌار سڃاڻپ برقرار رکڻ يا تحريڪ انصاف ۾ ضم ٿيڻ جي حوالي سان حتمي فيصلو ڪندا

بقايا ✻✻✻ 20

ته ووٽ جمهوريت جو حق آهي ۽ سڀ پنهنجو حق استعمال ڪن. شيري رحمان چيو ته اليڪشن ڪميشن هڪ آئيني ادارو آهي جنهن جي پنهنجي هڪ حيثيت ۽ ساک آهي. هن چيو ته اسان کي به اليڪشن ڪميشن سان ڪيتي شڪايتون آهن. سندن فيصلن تي اسان به سوال اٿاريندا آهيون ۽ حل به ڳوليندا آهيون. پر اسان ادارن جي بي حرمتي ۽ بي عزتي ناهيون ڪندا.

بقايا ✻✻✻ 21

پهچي وئي آهي. ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ آيل 80 سالن جي عورت جو چوڻ آهي ته هن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هر ڀيري ووٽ ڏنو آهي. بزرگ خاتون موجب. جڏهن کان پيپلز پارٽي قائم ٿي آهي، هوءِ ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو ۽ هاڻي بلاول ڀٽو جي اميدوارن کي ووٽ ڏئي رهي آهي.

بقايا ✻✻✻ 22

رهيا آهن پر هاڻي ملاقات جي ضرورت نه آهي، ڪين پارٽي طرفان شوڪاز جاري ڪيو ويو ان جو جواب ڏين.

بقايا ✻✻✻ 23

گئس ليڪيج جي ڌماڪي جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا. ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته مارجي ويلن ۾ 5 ٻار به شامل آهن. فوتين جا لاش سول اسپتال ڪوئيٽا منتقل ڪيا ويا.

بقايا ✻✻✻ 24

سخت زخم اچي ويا. جنهن بعد گراهڪ کيس اسپتال پهچايو پر هو علاج دوران فوت ٿي ويو. پارٽي ميڊيا موجب فوتي نوجوان جي وارثن جي شڪايت تي پوليس عورت گراهڪ خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. پارٽي ميڊيا موجب رضوان 3 سالن کان آن لائين فوڊ ڊليوري ڪمپني سان ڪم ڪري رهيو هو

بقايا ✻✻✻ 25

جڏهن ته ڄامشوري اتحاد جي اميدوار کي تير جو نشان ڏنو ويو اليڪشن ڪميشن جي اهڙي ڪارنامي کان پوءِ اميدوارن جا مٿي تي هٿ اچي ويا. نشان ابتا هجڻ ڪري ووٽر به پريشان. شڪايتن تي پولنگ جي عمل کي بند ڪيو ويو

بقايا ✻✻✻ 26

83 رپيا جڏهن ته لائٽ ڊيزل آئل 169 رپيا تي برقرار رهندو. ياد رهي ته حڪومت 15 ڊسمبر تي پيٽرول 10 رپيا ۽ ڊيزل 7 رپيا 50 پئسا سستو ڪيو هو.

بقايا ✻✻✻ 27

آهن. مختلف ضلعن مان ڪجهه آزاد اميدوار به ڪامياب ٿيا آهن. سنڌ جي ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو ڪراچي مان نتيجا اچا رهيا آهن پر هي خبر فائيل ڪرڻ تائين جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ ۽ پيپلزپارٽي سيني کان اڳتي هجڻ جون دعويدار آهن. ايم ڪيوايم چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ ان سبب ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو ڪجهه تجزيه ڪارن جو خيال آهي ته الطاف حسين جي بائيڪاٽ جي اپيل بعد ايم ڪيوايم ٻڌتر جو شڪار رهي ڊپ کان بائيڪاٽ ڪيو

بقايا ✻✻✻ 28

ٿي ويو جنهن سبب جهاز کي باهه وڪوڙي وئي. جهاز ۾ عملي سميت 68 سوار هئا. حادثي بعد هوائي اڏي کي سمورين اڏامن لاءِ بند ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي واري هنڌ تي امدادي ڪارروائيون جاري آهن

بقايا ✻✻✻ 29

الزام لڳائيندي چيو ته مڪاني چونڊون 24 جولاءِ 2022ع کان ملتوي ڪندي ڪندي 15 جنوري ڪرايون ويون. پولنگ اسٽيشنز تي عملو کي رات تائين پهچڻو هو جيڪو نه پهتو. پولنگ عملو ٽي ٽي ڪلاڪ دير سان پهتو ۽ پوءِ چونڊ عمل شروع ٿيو هن چيو ته سنڌ سرڪار رڳو ڏيکاءُ لاءِ مڪاني چونڊون ڪرايون. ڪياماڙي ۾ سڀ ڪجهه پهريان کان طئي ڪيو ويو هو. يونين ڪائونسل 8 ۾ چيئرمين جي اميدوار کي ڌانڌلي ڪندي پڪڙيو ويو. ماڙيپور يوسي 3 ۾ عورتن جي پولنگ اسٽيشنز تان ٺپا گم آهن. جي يو آءِ ف جي اڳواڻ چيو ته پهريان به چوندا هئاسين ته سنڌ جي حڪمران پارٽي سڀ ڪجهه ڪري چڪي آهي. ايم ڪيو ايم بائيڪاٽ ڪيو آهي ته ٺٺي جو سمورين جماعتون چونڊون رد ڪري ڇڏين هر يونين ڪائونسل ۾ ڌانڌلي جي شڪايت ملي رهي آهي.

بقايا ✻✻✻ 30

ڪيو. جيڪڏهن هڪ ادارو شفاف چونڊون نٿو ڪرائي سگهي ته ان جي ڪائي ضرورت نه آهي. خالد مقبول صديقي جو چوڻ هو ته اڄ ڪراچي ۾ ڌانڌلي هارائي وئي ۽ ڪراچي کٽي وئي. عوام گهر ويهي ايم ڪيو ايم جي فيصلي تي ريفرنڊم ڏئي ڇڏيو هن چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ عوام چونڊن کان اڳ ڌانڌلي، عوامي مينڊيٽ کي چورڻ جي سازش کي رد ڪري ڇڏيو سندس چوڻ هو ته ايم ڪيوايم جي چونڊ سياست ايوانن جي محتاج نه آهي. اسان عوام جي دلين ۾ رهندا آهيون. اسان 2001ع ۾ چونڊن ۾ حصو نه ورتو هو. مڪاني چونڊن جي ڪا به اخلاقي حيثيت نه آهي ڪير به انهن کي قبول نه ڪندو. فاروق ستار چيو ته جڏهن وسيم اختر جي دور جا آخري ڏهاڙا هئا ته تڪبنديون ڪيون وين ها. ڪراچي سيني جو آهي پر سڀ ڪراچي جا به ٿين. اوهان ماڻهن ڪراچي کي ڦرجو مال سمجهيو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن ايم ڪيوايم پاڪستان رات دير سان اڄ مڪاني چونڊن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو هو

بقايا ✻✻✻ 31

رات شهر جي اترين علائقن ۾ گرمي پد 4.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 6 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. موسميات جي تجزيه نگار جواد ميمڻ جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ 16 جنوري تائين سيءَ رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران شهر ۾ موسم خشڪ ۽ ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ اتر اوڀر کان گهلندڙ هوائن جي رفتار 10 کان 12 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته هوا ۾ گهم 50 سيڪڙو آهي.

بقايا ✻✻✻ 32

ته مرمتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد ٽرين کي روانو ڪيو ويندو

بقايا ✻✻✻ 33

خميسا ڳوٺ ۾ الغوثيا ريسٽورنٽ ويجهو پيش آيو حادثي ۾ سخت زخمي ٿيل ٻن ڄڻن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ايڌي ذريعن موجب ٻن زخمين جي سڃاڻپ 30 ورهين جي شيراز ولد ارشد ۽ 40 ورهين جي اسد پٽ ثناءُ الله طور ٿي آهي.

بقايا ✻✻✻ 34

آهي اگهن ۾ واڌ نه ڪئي وئي ته خدشو آهي فارما ڪمپنيون اهي دوائون ناهڻ ۽ ٻاهران گهرائڻ بند ڪري ڇڏينديون. ڊريپ اختيارين موجب اسان کي 400 کان وڌيڪ دوائن جي اگهن ۾ واڌ جون درخواستون وصول ٿيون هيون پر 110 حياتي بچائيندڙ دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي سفارش ڪئي آهي

بقايا ✻✻✻ 35

آهي. پي ٽي آءِ پراميد آهي ته ايم ڪيو ايم وزيراعظم کي ووٽ نه ڏيندي. عمران خان چيو ته وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو هاڻ شهباز شريف کي ٽيسٽ ڪنداسين. پي ٽي آءِ ٽيسٽ پاس ڪري ورتي. هاڻ شهباز شريف جو وارو آهي. نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي هن چيو ته پهريون پيرو شهباز شريف کي امتحان ۾ وجهنداسين اسان وٽ اعتماد جي ووٽ سان گڏ ٻيا آپشن به آهن هن چيو ته پنجاب اسيمبلي ٽٽڻ جي هڪ هفتي بعد ڪي پي ڪي اسيمبلي کي ٽوڙيو ويندو. آصف زرداري سنڌ جي وزيرن سان نوٽن جا ٿيلها ڀري لاهور ڪٽي آيو ته اسان جا ميمبر گهبرايل هئا. نامعلوم نمبرن تان فون ڪندڙ اهي اڄون به ڏئي رهيا هئا ته نواز ليگ ۾ هليا وڃو هاڻ ان کي اڇتو آهي، پر مون پنهنجي ماڻهن جي ٽيمپريچر جو جائزو پئي ورتو. پاڪستان بدلجي ويو آهي. مون ڪڏهن نه ڏٺو ته اٿين ايم پي ايز تي دٻاءُ وڌو ويو هجي. مون کي اندازو ٿي ويو هو ته هاڻ هي نه ويندا. ايم پي ايز کي اندازو هو ته جيڪو هن وقت پارٽي ڇڏيندو اهو پنهنجي سياست جو جنازو ڪڍندو. اها تمام وڏي تبديلي هئي. هن چيو ته رات جو 10 وڳي اندازو ٿيو ته هاڻ پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي پوزيشن ۾ آهيون مونس الاهي تمام وڏو ڪردار ادا ڪيس هو اسپين مان ميمبرن کي فون ڪري رهيو هو چاڪاڻ ته ق ليگ جا ميمبر آخر ۾ گهٽ هئا. اسان جا پورا ٿي ويا هئا هن چيو ته اصل قرباني پرويز الاهي ڏني آهي اسان ڪيس تجويز ڏني آهي ته پارٽي پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪريو. اتحادي حڪومت ۾ مسئلا ٿيندا آهن ساڍن ٽن سالن ۾ سيني کي هينڊل ڪرڻ مون لاءِ عذاب هوندو هو اسان هنن کي ترقياتي فنڊ ڏيندا هئاسين ته اسان جا ميمبر ناراض ٿي ويندا هئا. هاڻ مضبوط ۽ طاقتور حڪومت جي ضرورت آهي. هن چيو ته مون کي خوف ٿي رهيو آهي. سياسي انجنيئرنگ ڏسي رهيو آهيان. ايم ڪيو ايم کي گڏ ڪيو پيو وڃي. بي اي پي کي پ پ ۾ آماڻي رهيا آهن. ڏکڻ پنجاب ۾ پ پ کي سيٽون، جي يو آءِ کي ڪي پي ۾ ۽ هتي سيني کي چون پيا ته ن ليگ ۾ هليا وڃو چاڪاڻ ته عمران خان تي ڪراس لڳائي ڇڏيو آهي. هنن تاريخ مان ڪو سبق نه سکيو آهي. سياسي انجنيئرنگ ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ملڪ جو سوچيو ته صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ گهرجن. هن چيو ته اقتدار ۾ اچڻ وقت شروع ۾ لڳو ته اسٽيبلشمينٽ مون سان گڏ آهي. جنرل باجوه مونسان آهي. هنن کي سمجهه ناهي ته جنهن کي عوام جي حمايت هجي ان تي منڊيٽڙو نه ٿو لڳائي سگهجي. مجيب الرحمان. پ پ ۽ ايم ڪيوايم. نواب اڪبر بگٽي تي منڊيٽڙو لڳائي ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ويو سڄي ملڪ جي ادارن کي گڏجي هن صورتحال مان نڪرڻو پوندو. هنن اسان جي سيڪورٽي تي سمجهوتو ڪيو ويو جيئن سريلنڪا ۽ مصر ۾ ڪري رهيا آهن ته هي ملڪ ٽٽي ويندو. ان لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. آءِ ايم ايف سريلنڪا کي چيو آهي ته پنهنجي فوج اڌ ڪريو نه ته مدد نه ڪنداسين. نيلسن منڊيلا جهڙي ٽرٿ اينڊ ري ڪنسليئيشن جي ضرورت آهي. ٽرٿ اينڊ ريڪنسليئيشن آهي ته اعظم سواتي سان سچ ڳالهايو ته ها اسان اهو غلط ڪيو آهي مون کي چون ته توهان کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، معافي گهرون ٿا. شهباز گل کي چون ته اسان ملڪ جي بهتري لاءِ معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

بقايا ✻✻✻ 36

ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ نمبر 20 تي چونڊ عمل اميدوار احمد خان سولنگي جي فوت ٿيڻ سبب چونڊ نه ڪرائي وئي. ڪامياب ٿيل پيپلز پارٽي جي اميدوارن جون خوشي ۾ پنهنجي تڪ جي ووٽرن سان گڏ ريليون سڄي شهر ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جون دهلن ۽ شرنائين تي رقص. کٽيندڙ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جون ب ب ضلعي دادو جي صدر ايم اين اي رفيق احمد جمالي جي هائوس تي گڏيل طور تي پهچي ڪيس مبارڪون ڏنيون جتي پيپلز پارٽي جي ڪاميابي جو وڏو جشن ملهايو ويو. جيئي ڀٽو جي نعرن جي گونج ۾ کٽيندڙ اميدوارن کي ڪارڪنن پنهنجن اليڪشن ڪئمپن تي پهچايو. پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي دادو جي صدر سردار عاشق حسين زئنور جو ڀاءُ سردار شاهد حسين زئنور پنهنجي تڪ تي پ پ پ اميدوار کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جو راجا وقار لاشاري ڪامياب ٿي ويو. هوڏانهن دادو شهر جي ميونسپل ڪاميٽي تي 2 آزاد اميدوار به بلدياتي اليڪشن 2023 ۾ ڪامياب ٿيا آهن جن ۾ نامور وڪيل حبيب لغاري ۽ سنڌ جي سداحيات شاعر استاد بخاري جي پوٽي سيد امير احمد شاهه بخاري به ب ب پ کي شڪست ڏئي آزاد حيثيت ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ورتي. اليڪشن ڪميشن دادو پاران رابطي تي ٻڌايو ويو ته دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 20 تي چونڊ عمل نه ٿي سگهيو چاڪاڻ ته اتي بيٺل اميدوار احمد خان سولنگي جي وفات سبب چونڊ ملتوي ڪئي وئي آهي جنهن جي بعد ۾ چونڊن جي تاريخ مقرر ڪئي ويندي. ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 13 تي ڪاميابي ماڻيندڙ اميدوار پير دانش پنهنجو ووٽ ڪاسٽ نه ڪيو پير دانش ملڪ کان ٻاهر هجڻ ڪري پنهنجو ووٽ ڪاسٽ نه ڪري سگهيو جڏهن ته پ پ پ جي اڳوڻي صوبائي وزير تعليم پيرمظهرالحق ۽ پ پ پ ايم پي بئريسٽري پيرمجيب الحق جي دادو واري رهائشگاهه تي پڻ پ پ پ جي ڪارڪنن جو جشن جاري. دادو ميونسپل ڪاميٽي تي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي چونڊ ۾ پ پ پ کي واضع اڪثريت حاصل ٿي وئي. پيپلز پارٽي تعلقي دادو جو صدر شمس الدين عرف بابن خان پنهور ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 1 تي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻڻ تي پنهور برادري پڻ الڳ جشن ملهايو

بقايا ✻✻✻ 37

ڇنڇر جي رات پيش آيو هو مالويا نگر پوليس موجب لفٽ ۾ ڦاٿل ٻيا ماڻهو ڪاميابي سان بچي ويا. لفٽ ۾ ڦاٿل ٽن شاگردن پوليس کي ايس او ايس ڪال ڪئي جنهن بعد جلد هڪ فائر انجڻ پوليس ۽ ٻيا اهلڪار پهتا. واقعي واري هنڌ جي وڊيو ۾ لفٽ جي گيٽ ۽ پٽ وچ ۾ وڏي ڏسي سگهجي ٿي. پوليس جو چوڻ آهي ته اهو انجاتل چور هو جيڪو وٺي ۾ ڦاسي پيو هوءِ ان جي ڪري ئي لفٽ خراب ٿي وئي هئي.

بقايا سنڌيار 01

۽ نوشاد مائي ٻارڻن سميت احتجاج ڪندي الزام لڳائيندي چيو ته ڳوٺ جي بااثرن رياض مهر حضور بخش مهر اعجاز مهر اياز مهر سرفراز مهر ۽ ٻين ڪيس تان ڪنائڻ لاءِ گذريل ڏينهن هٿيارن جي زور تي گهر ۾ گهڙي اسان مٿان حملو ڪري ڏنو حملي جي نتيجي ۾ اسان جا پنج ماڻهو جن ۾ عبدالغني عبدالعزيز خالد حسين محمدحسن ۽ امجد علي زخمي ٿي پيا جن کي اسان ٿاڻي تان ليٽر ملڻ بعد گهوٽڪي جي تعلقي اسپتال داخل ڪرايو آهي جڏهن ته احتجاج ڪندڙ قربان وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو ته بااثرن ٽي مهينا اڳ منهنجي گهرواري مائي رشيده سورنهن سالن جي نوجوان نياڻي شازيه ۽ ٻارنهن سالن جي پٽ محمداسماعيل کي اغوا ڪندي گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي خلاف مان درخواستون ڪيون آهن ته منهنجي گهرواري نوجوان نياڻي ۽ پٽ کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي اهڙي ڪيس تان هٽ ڪنائڻ لاءِ مٿي ڄاڻايل بااثرن منهنجي گهر تي حملو ڪيو آهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته منهنجي گهرواري نياڻي ۽ پٽ کي بازياب ڪرائي بااثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

۾ زاهد چاڪراڻي جو جنريٽر ۽ پڪو الهڏنو چاڪراڻي جي ٽيوب ويل جو پکو چوري ڪري فرار ٿي ويا هڪ ئي رات ۾ نامعلوم چور سوئي گيس شهر ۽ پرياسي مان هڪ ئي رات ٽي چوريون ٿيڻ تي سوئي گيس ۽ پرياسي جي عوام ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي متاثر ڌرين ٻڌايو ته سوئي گيس پوليس ڪڏهن به شهر ۾ رات جو گشت ناهي ڪئي جنهن ڪري نامعلوم چورن پوليس کي چيلينج ڏئي چوڪي جي ويجهو دڪان کي ڪاٽ هڻيو آهي جيڪڏهن شهر ۾ چوڪيدار نه هجن هان ته اهي نامعلوم چور سڄي دڪان جو سامان ٻهاري وڃن هنن اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته خدارا اسان جو چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي جيڪڏهن چوري ٿيل سامان واپس نه ڪرائي ڏنو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هتان جي عوام بدامني وڌڻ سبب علائقي جا ماڻهون راتين جون راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن

بقايا سنڌيار 03

ايڊووڪيٽ زمان جاگيراڻي ۽ ايڊووڪيٽ ڪامريڊ غلام شبير جتوئي کي گلن جا هار ۽ مبارڪباد ڏني جڏهن ته منتخب ٿيندڙ نائب صدر ايڊووڪيٽ زمان جاگيراڻي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري جي سيٽ تي قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ ۽ يونين آف سوشل ميڊيا سيٽلائيٽ اينڊ ويب چينلز سنڌ جو ليگل ايڊوائيزر ايڊووڪيٽ غلام شبير جتوئي کي يونين جي طرف کان وفد جي صورت ۾ گلن جا هار ۽ مبارڪباد پيش ڪئي، ان موقعي تي تي مرڪزي آرگنائيزرس زوار مجاهد علي ميراڻي سڪندر علي مغيري ڊويزن لاڙڪاڻو جو آرگنائيزر حاجن ڪوريجو رميز علي شيخ امان الله ڪوسو عابد حسين جويو سميت هيومين رائيٽس جسٽس اينڊ ڊفينڊر آرگنائيزيشن لاڙڪاڻو جو صدر نظيراحمد ميمڻ پڻ موجود هئا. ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ۾ ڪامياب ٿيندڙ نائب صدر ايڊووڪيٽ زمان جاگيراڻي ۽ ايڊووڪيٽ غلام شبير جتوئي يونين جي وفد جو شڪريو ادا ڪيندي چيو ته اسان هميشه مظلومن سان گڏ رهيا آهيون ۽ رهندا سين جن وڪيل دوستن اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو انهن جون ڪوڙ ساريون مهربانيون ۽ انهن جي لاءِ اسان پنهنجو هميشه ڪردار ادا ڪنداسين ۽ يونين آف سوشل ميڊيا سيٽلائيٽ اينڊ ويب چينلز سنڌ جي دوستن سان هميشه گڏ هونداسين.

بقايا سنڌيار 04

سالگره شڪارپور جي مقامي هوٽل ۾ ملهائي وئي، جتي ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ زاهد پنهور کي سنڌس جي سالگره جي موقعي تي گلن جي ورکا ڪري پيٽا پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي فرينڊ شپ فار ايور گروپ جي اڳواڻن وحيد قلپوٽو، سجاد سينار، عبدالخالق سومرو، عرفان ملڪ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهور هڪ بهادر ۽ سچو ماڻهو آهي، جنهن هميشه شڪارپور جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ بهترين ڪوششون ڪيون آهن، هن هميشه مظلوم عوام جي خدمت ڪئي آهي، جيڪا اصل عبادت آهي، اڳواڻن چيو ته زاهد پنهور جون سماجي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن، هميشه انساني خدمت ۽ شهر جي بهتري جو جذبو رکندڙ نوجوان سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهور کي سنڌس جي جنم ڏهاڙي تي مبارڪباد پيش ڪيون ٿا.

بقايا سنڌيار 05

رستن ڪان ٿيندي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهتي جتي صحافين سان ڳالهائيندي ايڊووڪيٽ محمد علي ڪوسو ۽ ٻين جو چوڻ هو ته ڪشمور ۾ ڏينهن ڏٺي جو ماڻهن کان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي وڃن ٿا پوليس چورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪک پچي ويٺو نه ناهي ڪيس عوام ايترو ته خوف وڏي ويو آهي ته شام ٿيندي ئي گهر ۾ ويهي رهن ٿا. هنن ايس ايس پي ڪشمور ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڪشمور ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي بي صورت ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران سخت احتجاج ڪيو ويندو...

بقايا سنڌيار 06

